Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد: 09 | اڱارو 09 آگسٽ 2022ع 10 محرم الحرام 1444ھ | قيمت 10 رپيا | شمارو 294

سنڌ حڪومت محرم الحرام جي جلوسن ۽ عزادارن جي سيڪيورٽي جي لاءِ فل پروف سيڪيورٽي جا انتظام ڪيا آهن: شرجيل ميمڻ / سعيد غني

صوبائي وزيرن شرجيل انعام ميمڻ، سعيد غني جو پوليس آفيس ۾ ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جو دورو

ڪراچي سميت سموري سنڌ ۾ محرم الحرام جي جلوسن ۽ عزادارن جي سيڪيورٽي جي لاءِ سنڌ حڪومت ۽ سنڌ پوليس طرفان فول پروف سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا آهن: شرجيل انعام ميمڻ

سنڌ پوليس پاران ڪراچي جي هيڊ آفيس ۾ مانيٽرنگ سيل ڪان علاوه جلوس جي سڪيورٽي تي مقرر ڪيل اهلڪارن جي گاڏين سميت سمورن رستن تي سي سي ٽي وي ڪئمرائون نصب ڪيون ويون آهن

جلوس جي سيڪيورٽي جي لاءِ پوليس، رينجرز ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا هزارين اهلڪار پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن

صوبائي وزيرن پوليس هيڊ آفيس ڪراچي ۾ سنڌ پوليس پاران قائم ڪيل ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جو معائنو پڻ ڪيو. ان موقعي تي ايڊمنسٽريٽر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب، آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ۽ ٻيا اعليٰ آفيسر به موجود هئا.

صوبائي وزيرن کي آءِ جي سنڌ بريفنگ ڏني ۽ ڪراچي مان نڪرندڙ 9 محرم الحرام جي جلوسن جي سيڪيورٽي جي حوالي سان تفصيل کان آگاهه ڪيو

صوبائي وزيرن شرجيل انعام ميمڻ ۽ سعيد غني مختلف جاين تي لڳايل ڪلوز سرڪٽ ڪئمرائن کان علاوه پوليس ۽ ٻين امن امان جي ادارن جي گاڏين تي لڳايل ڪئمرائن جو به جائزو ورتو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات کاتي واري وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ ليبرواري صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته ڪراچي سميت سموري سنڌ ۾ محرم الحرام جي جلوسن ۽ عزادارن جي سيڪيورٽي جي لاءِ سنڌ حڪومت ۽ سنڌ پوليس طرفان فول پروف سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا آهن. سنڌ پوليس پاران ڪراچي جي هيڊ آفيس ۾ مانيٽرنگ سيل ڪان علاوه جلوس جي سڪيورٽي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 18

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ سعيد غني محرم الحرام جي سلسلي ۾ سيڪيورٽي جي مانيٽرنگ جي عمل جو جائزو وٺي رهيا آهن

فوج خلاف سوشل ميڊيا تي مهم جي جاچ لاءِ گڏيل ڪميٽي قائم، پي ٽي آءِ قانون ٽوڙيو ته برو حشر ٿيندو: راڻا ثناءُالله

وفاقي گهرو کاتي سوشل ميڊيا تي ناڪاري مهم هلائيندڙن جو پتو لڳائڻ ۽ گرفتارين لاءِ جوائنٽ انڪوائري ڪميٽي جوڙي ورتي، ڪميٽي جي سربراهي ايف آءِ اي سائيبر ڪرائيم ونگ جو ايڊيشنل ڊائريڪٽر جنرل محمد جعفر ڪندو

ٽيم ۾ ڊائريڪٽر سائبر ڪرائم ۽ ايڊيشنل ڊائريڪٽر عمران حيدر، ڊپٽي ڊائريڪٽر اياز شامل هوندا، ان سان گڏوگڏ آءِ ايس آءِ مان ليفٽيننٽ ڪرنل سعد، آءِ بي مان ڊپٽي ڊائريڪٽر محمد نثار وقار چوڌري به ٽيم جو حصو هوندا

عمران نيازي جي پارٽي فوج خلاف مهم هلائي، جنهن سان ان جي ملڪ دشمني سامهون ٿي اچي، پي ٽي آءِ 13 آگسٽ تي قانون ٽوڙيو ته 25 مئي کان به خراب حشر ٿيندو: راڻا ثناءُالله

سڄي شهيدن کي سلام پيش ڪيون ٿا، فوج خلاف پروپيگنڊا ڪندڙ گمراهه آهن، اهڙي گندي مهم هلائيندڙن جي نشاندهي ٿي وئي آهي، عمران نيازي جي پارٽي فوج خلاف مهم هلائي

اليڪشن ڪميشن عمران خان جي پرڏيهي ايجنٽ طور سڃاڻپ ڪئي، ان ڪانپوءِ عمران خان جو دماغي توازن بگڙي ويو آهي، عمران خان کي نه روڪيو ويو ته اهو قوم کي ڪنهن حادثي ڏانهن وٺي ويندو

افغانستان ۾ ڊرون حملو ٿيو آهي، افغانستان ڪڏهن پاڪستان تي اهڙو الزام نه هنيو پر هي بدبخت پاڪستان ۾ رهندي پاڪستان تي الزام هڻي رهيو آهي: فيصل آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهيون

فيصل آباد (م ڊ) بلوچستان ۾ فوجي هيليڪاپٽر سان پيش آيل حادثي بعد سوشل ميڊيا تي زهر اوڳاڇڻ واري معاملي جي جاچ لاءِ گڏيل ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي. وفاقي گهرو کاتي سوشل ميڊيا تي ناڪاري مهم هلائيندڙن جو پتو لڳائڻ ۽ گرفتارين لاءِ جوائنٽ انڪوائري ڪميٽي جوڙي ورتي آهي. ڪميٽي جي سربراهي ايف آءِ اي سائيبر ڪرائيم ونگ جو ايڊيشنل ڊائريڪٽر جنرل محرم/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 19

وزيراعظم جو ڪامن ويلٿ گيمز ميڊلسٽس جي حوصلا افزائي لاءِ ملاقات جو اعلان

شهبازشريف پنهنجي بيان ۾ چيو ته نوح بٽ، ارشد نديم، شريف طاهر، زمان انور، انعام بٽ، شاهه حسين شاهه، علي اسد ۽ عنايت الله مون سميت سمورن پاڪستانين جو ڪنڌ فخر سان بلند ڪري ڇڏيو

انهن پاڪستاني ايٿليٽس سڄي دنيا ۾ پاڪستان جي عزت وڌائي آهي هي سڀ پوري قوم جو فخر آهن انهن سمورن ايٿليٽس سان ملاقات ڪري سندس حوصلا وڌائيندس: شهبازشريف

ڪامن ويلٿ گيمز ۾ شريڪ ٻيا پاڪستاني ايٿليٽس به ساراهه جوڳا آهن ٻيا ايٿليٽس به محنت ۽ دلچسپي سان پاڪستان جي نمائندگي ڪري رهيا آهن

ٻيا ايٿليٽس به محنت ۽ دلچسپي سان پاڪستان جي نمائندگي ڪري رهيا آهن. ڪٽڻ هارائڻ راند جو حصو آهي. حوصلو نه هاريو محنت جاري رکو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهبازشريف ڪامن ويلٿ گيمز جي مختلف مقابلن ۾ ميڊلز کٽيندڙ قومي ايٿليٽس جا حوالا وڌائڻ لاءِ ان سان ملاقات جو اعلان ڪيو آهي شهبازشريف پنهنجي بيان ۾ چيو ته نوح بٽ، ارشد نديم، شريف/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 7

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف سان قومي اسيمبلي ميمبر شڪيل لقمان ملاقات ڪندي

ارشد نديم ۽ نوح دستگير جهڙا جوان پاڪستان جا هيرو آهن: بلاول ڀٽو

ڪامن ويلٿ گيمز ۾ نيزو اڇلائڻ جي مقابلن ۾ ارشد نديم جو رڪارڊ پوري پاڪستان لاءِ فخر واري ڳالهه آهي

اڌ صدي کان وڌيڪ عرصي کان پوءِ دولت مشترڪه راندين ۾ پاڪستان کي گولڊ ميڊل ملڻ هڪ وڏي ڪاميابي آهي

ارشد نديم ۽ نوح دستگير جهڙا جوان پاڪستان جا هيرو آهن اڳوڻي صدر آصف زرداري به ارشد نديم کي ڪامن ويلٿ گيمز کٽڻ تي مبارڪ ڏني

ارشد نديم گولڊ ميڊل کٽي ملڪ ۽ عوام جو ڪنڌ فخر وچان مٿي ڪري ڇڏيو ارشد نديم ملڪ جو نالو روشن ڪيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ۽ پيپلزپارٽي جي ڪوچيئرمين آصف علي زرداري دولت /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 21

رياض احمد جو اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کان پارٽي جي سربراهي تان استعيفا ڏيڻ جو مطالبو

فيصل آباد (م ڊ) قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر اڳواڻ راجا رياض احمد اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کان پارٽي جي سربراهي تان استعيفا ڏيڻ جو مطالبو ڪندي چيو ته فارن فنڊنگ ثابت ٿيڻ تي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 22

ادارن جي خلاف مهم ۽ زهر اوڳاڇيندڙ اڄ پي ٽي آئي تي الزام مڙهي رهيا آهن: عمران اسماعيل

نوازشريف، مريم نواز، خواجه آصف ۽ اياز صادق جون تقريرون قوم کي اڄا ياد آهن

پاڪ فوج جي خلاف مهم هلائيندڙن کي قوم چڱي طرح سڃاڻي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اڳوڻي گورنر عمران اسماعيل چيو آهي ته ادارن جي خلاف مهم ۽ زهر اوڳاڇيندڙ اڄ پي ٽي آئي تي الزام مڙهي رهيا آهن سماجي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 17

عمران خان قائداعظم ۽ علامه اقبال سان خاندان جي ماڻهن جي تصوير شيئر ڪري ڇڏي

عمران خان سوشل ميڊيا تي 1930 ۾ لنڊن ۾ ٿيل تاريخي گول ميز ڪانفرنس جي تصوير شيئر ڪئي

جنهن ۾ قائداعظم محمد علي جناح ۽ علامه محمد اقبال ٻئي موجود هئا

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان 1930 ۾ ٿيل گول ميز ڪانفرنس ۾ قائداعظم محمد علي جناح ۽ علامه محمد اقبال سان موجود پنهنجي خاندان جي ماڻهن جي تصوير شيئر ڪري ڇڏي عمران خان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 16

هيليڪاپٽر حادثي تي توهين جوڳي مهم جي جاچ ڪميٽي ۾ آئي ايس آئي، آئي بي آفيسر به شامل، نوٽيفڪيشن جاري

گهرو وزارت ايف آئي اي پاران جوڙي ويندڙ 6 رڪني ٽيم جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

آئي ايس آئي پاران ليفٽيننٽ ڪرنل سعد ۽ انٽيليجنس بيورو جا ڊپٽي ڊائريڪٽر وقار نثار نمائندگي ڪندا

اسلام آباد (بيورو) لسبيلو هيليڪاپٽر سانحي ۽ شهيدن بابت سوشل ميڊيا تي ناڪاري پروپيگنڊي جي جاچ جي معاملي تي جوائنٽ انڪوائري ٽيم جو دائرو وڌائي انٽيليجنس ايجنسيز جا به آفيسر به ٽيم ۾ شامل ڪيا ويا گهرو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 26

پاڪستان ۾ 23 سيڪنڊ ريلوي انجڻ ۽ 24 سيڪنڊ ريل ويگن استعمال لائق نه آهن، ايشيائي ترقياتي بئنڪ

پاڪستان ۾ 23 سيڪنڊ ريلوي انجڻ ۽ 24 سيڪنڊ ريل ويگن استعمال نه ڪرڻ جوڳا قرار ڏنا ويا آهن

پاڪستان سميت خطي جي ملڪن ۾ ريلوي مالي نقصان جي منهن ڏئي رهيو آهي هي اي ڊي بي سينٽرل ايشيا ۾ ريلوي نظام کي بهتر ڪرڻ لاءِ 6 پاليسي سڌارا پيش ڪيا آهن

سينٽرل ايشيا ريجنل جو آپريشنل پروگرام ريلوي کي مالي طور تي مستحڪم بڻائي سگهي ٿو ۽ ان سان علائقائي ترقي ۾ اضافو، عوام جي زندگي جو معيار بهتر ٿيندو: اي ڊي بي

ڪراچي (رپورٽر) ايشيائي ترقياتي بئنڪ پاڪستان سميت وچ ايشيائي ملڪن جي ريلوي نظام تي اسٽيڊي رپورٽ جاري ڪئي آهي رپورٽ مطابق پاڪستان ۾ 23 سيڪنڊ ريلوي انجڻ ۽ 24 سيڪنڊ ريل ويگن استعمال نه ڪرڻ جوڳا قرار ڏنا ويا آهن پاڪستان سميت خطي جي ملڪن ۾ ريلوي مالي نقصان جي منهن ڏئي رهيو آهي هي اي ڊي بي سينٽرل ايشيا ۾ ريلوي نظام /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 20

ڪراچي: محرم الحرام جي سلسلي ۾ نڪتل ماتمي جلوس جو ڏيک

پاڪستان کي 4 ارب ڊالر جلد ملندا: اسٽيٽ بئنڪ جو گورنر

ايندڙ 11 کان 12 مهينن تائين ملڪ ۾ مهانگائي رهندي شهرين کي ڏکئي وقت کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي

سعودي عرب، گڏيل عرب امارات ۽ قطر کان ملندڙ فنڊز سان ناڻي مٽا سٽا جي ذخيرن ۾ اضافو ٿيندو

4 ارب ڊالر جي مالياتي خساري تي به جلد ضابطو آڻي وٺنداسين ناڻي مٽا سٽا جي ذخيرن تي دٻاءُ ايندڙ ٻن مهينن ۾ ختم ٿي ويندو

ڪراچي (رپورٽر) اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر ڊاڪٽر ڪامران مرتضيٰ چيو آهي ته پاڪستان کي 4 ارب ڊالر جلد /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 2

سعد رفيق عمران خان کي هاڻوڪي دور جو يزيد ڪوٺي ڇڏيو

ڪوفي جا ماڻهو يزيد جي ڊپ کان سندس مدد لاءِ نه نڪتا ۽ اسلام جو عظيم الميو ٿيڻ ڏنو ويو

هر دور جو پنهنجو يزيد هوندو آهي ۽ ڏهارين جو اقتدار ۾ ويٺل ٽولو جنهن کي آمريڪي سازش جي ذريعي حڪومت ۾ آندو ويو

اسلام آباد (رپورٽر) ريلوي واري وفاقي وزير خواجه سعد رفيق پي ٽي آئي چيئرمين عمران خان کي موجوده دور جو يزيد قرار ڏئي ڇڏيو عمران خان سوشل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 15

پاڻ سڳورن جي ڏهٽي ڪربلا جي تتل ميدان ۾ حق خاطر پنهنجو سر ته ڪپايو پر ان کي باطل قوتن جي اڳيان جهڪڻ نه ڏنو: صدر

حضرت امام حسين جي عظيم قرباني اسان جي لاءِ مشعل راهه آهي ظلم ۽ ڏاڍ تي ٻڌل باطل نظام جي خلاف حق ۽ سچائي جو علم بلند ڪرڻ گهرجي

انفرادي ۽ گڏيل سطح تي حق جي سربلندي ۽ نصرت لاءِ صبر، استقامت ۽ جرئت سان جدوجهد لاءِ هروقت تيار رهڻ گهرجي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان جي صدر ڊاڪٽر عارف علوي چيو آهي ته پاڻ سڳورن جي ڏهٽي حضرت حسين ڪربلا جي تتل ميدان ۾ حق خاطر پنهنجو سر ته ڪپايو پر باطل قوتن اڳيان نه جهڪايو حضرت امام حسين جي عظيم قرباني اسان جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 27

سنڌ جي اطلاعات کاتي واري وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪامن ويلٿ گيمز 2022 ۾ ارشد نديم کي سونو بلو کٽڻ تي واڌايون پيش ڪيون

ارشد نديم ملڪ جي لاءِ اعزاز حاصل ڪيو آهي، هي قوم جا اصل هيروز آهن. ارشد نديم انجري باوجود اهڙو ڪارنامو سرانجام ڏنو: صوبائي وزير

هن جي همت ۽ جذبي تي کيس سلام پيش ڪريون ٿا. شرجيل انعام ميمڻ نوح دستگير بٽ کي ويٽ لفٽنگ ۾ سونو بلو کٽڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي آهي

ڪامن ويلٿ گيمز 2022 ۾ 3 چاندي ۽ 3 ڪانسي جا بلا کٽڻ تي به پاڪستاني ايٿليٽس مبارڪباد جا مستحق آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات کاتي واري وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪامن ويلٿ گيمز 2022 ۾ ارشد نديم کي سونو بلو کٽڻ تي واڌايون پيش ڪيون آهن. صوبائي وزير چيو ته ارشد نديم ملڪ جي لاءِ اعزاز حاصل ڪيو آهي. هي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 5

مائنس ۽ پلس جو فيصلو زميني خدائن کي نه پر عدالتن کي ڪرڻو آهي: شيخ رشيد

غريقيني سياسي ۽ معاشي حالتون سيني ڏينهن اجهائي سگهن ٿيون، حڪمران اتحاد پنهنجا ڪيس سامهون رکي نيب قانون ۾ ترميمون ڪيون

مائنس ۽ پلس جو فيصلو زميني خدائن کي نه پر عدالتن کي ڪرڻو آهي، چيف اليڪشن ڪمشنر تي ڪو اعتبار ناهي ته پوءِ عمران خان چونڊن کي ڪيئن مڃيندو

آگسٽ ترقين ۽ مقررين جو مهينو آهي، جيل غريبن لاءِ آهن ۽ اشرافيه لاءِ فائيو اسٽار هوٽل آهن

لاهور (م ڊ) اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد چيو ته آهي ته سياسي جماعتون وچ ۾ سخت ٽڪراءَ واري صورتحال آهي، مرڪز ۽ صوبا هڪٻئي جي سامهون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 06

آڊٽ جي سوال تي عمران خان منهنجو گريبان پڪڙي ورتو: محبوب اسلم

پارٽي فنڊ جو آڊٽ ڪندڙ آڊيٽر ٻڌايو ته منهنجا هٿ ٻڌل آهن مون کي صرف انڪم جو رڪارڊ ڏيکاريو ويجي ٿو

عمران خان سان ملاقات ۾ پارٽي فنڊنگ جي آڊٽ کي جعلي چيو ته عمران خان کي ڪاوڙ اچي وئي

اسلام آباد (بيورو) تحريڪ انصاف لاءِ فنڊ گڏ ڪندڙ پي ٽي آئي آمريڪا جي اڳوڻي عهديدار محبوب اسلم انڪشاف ڪيو آهي ته آڊٽ جي سوال تي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 14

ڪراچي ۾ ڦورو عورت اسسٽنٽ ڪمشنر کي لٽي ورتو

واردات جي سي سي ٽي وي فوٽيج به منظر تي اچي وئي آهي واردات جو ڪيس نيوٽائون ٿاڻي ۾ داخل ڪيو ويو

عاصمه بتول پنهنجي گهرڀاتين سان گڏ ناشتو ڪرڻ لاءِ بهادرآباد جي علائقي ۾ موجود هئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي بهادرآباد چار مينار چورنگي ويجهو هٿياربندن اسسٽنٽ ڪمشنر فيروزآباد کي لٽي ورتو تفصيل مطابق بهادرآباد /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 13

تحريڪ لبيڪ ڪارڪنن کي 13 آگسٽ تي فيض آباد پهچڻ جو سڏ ڏئي ڇڏيو

هڪ مهينو اڳ پريڊ گرائونڊ اسلام آباد ۾ جلسي جي اجازت گهري هئي پر اجازت نه ڏني وئي

اسان جي جماعت اليڪشن ڪميشن ۾ رجسٽرڊ آهي، عمران خان کي پريڊ گرائونڊ ۾ جلسي جي اجازت آهي

راولپنڊي (م ڊ) تحريڪ لبيڪ پاڪستان پنهنجي ڪارڪنن کي 13 آگسٽ تي فيض آباد پهچڻ جو سڏ ڏئي ڇڏيو تي ايل پي جي سيڪريٽري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 12

گولڊ ميڊل کٽڻ تي صدر، وزيراعظم ۽ آرمي چيف جون ارشد نديم کي واڌايون

صدر عارف علوي ارشد نديم کي ڪامن ويلٿ گيمز ۾ پاڪستان لاءِ گولڊ ميڊل کٽڻ ۽ تاريخ جوڙڻ تي واڌايون ڏنيون

ارشد نديم ڪامن ويلٿ گيمز ۾ گولڊ ميڊل کٽي پاڪستان جو سر فخر سان بلند ڪري ڇڏيو آهي

اسلام آباد (بيورو) ڪامن ويلٿ گيمز جي جيولين ٿرو مقابلي ۾ پاڪستان لاءِ گولڊ ميڊل کٽيندڙ ايٿليٽ ارشد نديم کي پاڪستان جي ناميياري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 11

لاهور: صوبائي وزير ڊاڪٽر ياسمين راشد اجلاس جي صدارت ڪندي

يوم عاشوري واري ڏينهن کان هڪ ڏينهن اڳ ئي ٽريفڪ ۽ عام ماڻهن جي آمد معطل

مسافر گاڏين سميت پيادل ايندڙ ويندڙن کي سخت مشڪلاتون پيش آيون، اختياريون خاموش

انتظاميا هڪ ڏينهن اڳ ئي ماتمي جلوس جي گذرگاهن طرف ايندڙ ويندڙ رستا بند ڪري ڇڏيا

رستا بند ٿيڻ بعد مسافر گاڏين، پيادل ايندڙ ويندڙ عزادار حسين کي سخت مشڪلاتون پيش آيون

سکر (بيورو) سکر انتظاميا طرفان يوم عاشوري واري ڏينهن کان هڪ ڏينهن اڳ ئي ٽريفڪ ۽ عام ماڻهن جي آمد رفت وارا رستا بند ڪري ڇڏيا مسافر گاڏين سميت پيادل ايندڙ ويندڙن کي سخت مشڪلاتون پيش، پوليس ماتمي جلوس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپورماٿيلو آڏو علاج نہ ٿيڻ ڪري مريضن جو احتجاجي مظاهرو

علاج نہ ٿيڻ ڪري مريض مرد، عورتون نيشنل هاءِ وي تي پهچي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

ڳوٺ سونو خان شر جا رهواسي آهيون اسان کي وٺي آيا اسپتال ۾ علاج ڪندا سين: مظاهرين

ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ مريضن لاءِ ڪا بہ سهولت ناهي، اڳ ۾ دوائون ملن پيون هاڻي نٿيون ملن

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپورماٿيلو: ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپورماٿيلو آڏو علاج نہ ٿيڻ ڪري مريض مرد، عورتون نيشنل هاءِ وي تي پهچي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو. اسان ڳوٺ سونو خان شر جا رهواسي آهيون اسان کي ڪالهہ ڳوٺ مان وٺي آيا هئا تہ اوهان جو اسپتال ۾ علاج ڪندا سين هتي سڄي رات گرمي ۾ تڙپيا آهيون وارڊ ۾ پکو بہ نہ پيو هلي دوائون بہ نہ ٿا. اڳواڻ تفصيل موجب ميرپورماٿيلو جي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپورماٿيلو آڏو علاج نہ ٿيڻ ڪري مريض مرد، عورتون نيشنل هاءِ وي تي پهچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽنڊرائي ويجهو ڳوٺ مصري مهر ۾ مهر ۽ مگريا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

رستي جي لنگهہ تان جهيڙو لٺين لڳڻ سبب 2 عورتن سميت 11 ڄڻا زخمي اسپتال منتقل

ڳوٺ مصري مهر ۾ مهر ۽ مگريا برادري جي ٻن ڌرين ۾ رستي جي لنگهہ تان جهيڙو ٿي پيو

ٽنڊرائي ويجهو ڳوٺ مصري مهر ۾ مهر ۽ مگريا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

ٽنڊرائو (رپورٽر) ٽنڊرائي ويجهو ڳوٺ مصري مهر ۾ مهر ۽ مگريا برادري جي ٻن ڌرين ۾ رستي جي لنگهہ تان جهيڙو لٺيون لڳڻ سبب 2 عورتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڳڙهي خيرو ۾ ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ مجلس عزا ۽ عزاداري

امام بارگاه ڊريتول ۾ سيد علي شاه جي اڳواڻي ۾ عزادارن پاران سينا زني ڪئي

صفائي سٿرائي نہ هجڻ سبب جلوس جي رستن ۽ گهٽين ۾ برسات جو پاڻي بيٺل

ڳڙهي خيرو (رپورٽر) ڳڙهي خيرو تعلقي ۾ ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ دوداپور ۾ بہ مجلس عزا ۽ عزاداري امام بارگاه ڊريتول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

جيڪب آباد ۾ وقتي گورنر سنڌ آغا سراج دراني ڳوٺ نور محمد پٺاڻ پهتو

ڪائونسل جي ميمبر مير امان الله خان پٺاڻ سان والده جي وفات تي تعزيت ڪئي

برسات سنڌ بلوچستان ۾ تباهي مچائي ڇڏي آهي عوام جو وڏو نقصان ٿيو آهي: آغا سراج دراني

ايندڙ اليڪشن ۾ بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ پيپلزپارٽي ڪامياب ٿيندي: ميڊيا سان ڳالهيون

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد ۾ وقتي گورنر سنڌ آغا سراج دراني ڳوٺ نور محمد پٺاڻ پهچي پي پي ضلعي ڪائونسل جي ميمبر مير امان الله خان پٺاڻ سان والده جي وفات تي تعزيت ڪئي پي پي اڳواڻ مير امان الله خان پٺاڻ جي رهائش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٿرپارڪر جي سيني تعلقن ۾ چوپائي مال ۾ بيماري ڪر ڪنيو، هزارين ڍور مري ويا

ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ اڪائونٽ جي جهيڙي سبب ڪنهن بہ علائقي ۾ مال جو علاج نہ ٿي سگهيو

پاڳين جا وٿاڻ خالي ٿي ويا، ٿرپارڪر ۾ چوپائي مال ۾ لمپي وائرس جو حملو ٿي ويو آهي: مالوند

ٿرپارڪر جي سيني تعلقن ۾ چوپائي مال ۾ بيماري ڪر ڪنيو، هزارين ڍور مري ويا

مٺي (رپورٽر) ٿرپارڪر جي سيني تعلقن ڏيپلو ڪلوئي ننگرپارڪر ڇاڇرو ڏاهلي مٺي اسلام ڪوٽ ۾ چوپائي مال ۾ بيماري ڪر ڪنيو هزارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

قاضي احمد لڳ ڳوٺ حاڪم ڦڄ ۾ تار مان ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان فوت

قاضي احمد (رپورٽر) قاضي احمد لڳ ڳوٺ حاڪم ڦڄ ۾ بجلي جي يارنهن هزار جي تار مان ڪرنٽ لڳڻ سبب 40 ورهين علي رضا مگسي فوت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

محرم الحرام جي ڏينهن ۾ بہ سکر ۾ صفائي سٿرائي جا ناقص انتظام

9 محرم الحرام ڏينهن ۾ بہ صفائي سٿرائي جا ناقص انتظام ڏسڻ ۾ آيا

صفائي وارو عمل مڪمل نہ ڪرڻ انتظاميا جي نااهلي ۽ لاپرواهي کي ظاهر ڪري ٿي

سکر (بيورو رپورٽ) محرم الحرام جي ڏينهن ۾ بہ سکر ۾ صفائي سٿرائي جا ناقص انتظام، سينيٽري عملو گم، گندگي جا ڍير، شهرين طرفان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

جيڪب آباد جي ايس ايس پي ۽ ڊي سي پاران 10 محرم الحرام بابت دورو

سمير نور چنا ۽ ڊي سي جيڪب آباد محمد يوسف شيخ پاران دورو ڪيو ويو

2800 سئو کان مٿي پوليس اهلڪارن سميت رينجرز ۽ آرمي جا جوان مقرر

جيڪب آباد جي ايس ايس پي ۽ ڊي سي پاران 10 محرم الحرام بابت دورو

جيڪب آباد (عباس گل مستوئي) جيڪب آباد جي ايس ايس پي ۽ ڊي سي جيڪب آباد پاران 10 محرم الحرام جي جي حوالي سان شهر جو دورو ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

پنوعاقل جي علائقي خواجہ محلي ۾ پراڻي سينيما لڳ ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان فوت

سکر (بيورو رپورٽ) پنوعاقل ۾ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب 17 سالن جو نينگر فوت، گهر ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ميرپور ماٿيلي ۾ وڏيري جي فيملي سان ڪيل بدمعاشي جي خلاف احتجاج

بدمعاشي جي خلاف پريس ڪلب آڏو هندو برادري ۽ قوم پرستن جو احتجاج

شمشير پتافي ۽ ساٿي بااثر هجڻ ڪري حد جي پوليس ڪا بہ ڪاروائي نہ آهي: اڳواڻ

ڪنڌ ڪوٽ (رپورٽر) - ڪنڌ ڪوٽ ميرپور ماٿيلي ۾ وڏيري جي هندو فيملي سان ڪيل بدمعاشي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪنڌڪوٽ واسي اغوا ٿيل ذوهيب ملڪ کي پوليس بازياب نہ ڪرائي سگهي

ڪنڌ ڪوٽ (رپورٽر) - ڪنڌ ڪوٽ واسي اغوا ٿيل ڪار ڊرائيور ذوهيب ملڪ کي پوليس اڃا تائين بازياب نہ ڪرائي سگهي نہ ئي ڌوهارين جي خلاف آپريشن ٿي سگهيو مغوي جي وارثن ۾ ٺاءُ پکڙيل سياسي سماجي تنظيمن ۽ ملڪ برادري جص نوجوان جي بازيابي جو مطالبو غلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

شهيد ڪربلا جي ياد ۾ پ پ مرڪزي اڳواڻ اسلام الدين شيخ پاران اڄ حليم جو اهتمام

سکر (بيورو رپورٽ) هر سال وانگر هن سال بہ محرم الحرام جي جي موقعي تي شهيد ڪربلا جي ياد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

باڊهہ شهر جي وچ مان وهندڙ رائيس ڪينال جا ڪپر ڪمزور ٿيڻ لڳا

آبپاشي کاتي جي عملدارن جي ڪرپشن ۽ غيرذميواري سبب ڪمزور ٿيڻ لڳا

گهاري پوڻ سبب باڊهہ شهر سميت علائقي جي وڏي آبادي متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي

غير معياري مٽيريل استعمال ٿيڻ سبب حفاظتي ديوارون هنڌان هنڌان ٽٽي پيون آهن

باڊهہ (محمد قاسم ٻگهيو) باڊهہ شهر جي وچ مان وهندڙ رائيس ڪينال جا ڪپر آبپاشي کاتي جي عملدارن جي ڪرپشن ۽ غيرذميواري سبب ڪمزور ٿيڻ لڳا. پاڻي جي تيز وهڪري سبب ڪپر ڪاٽ ڪري ڀڪون ڏئي رهيا آهن آبپاشي کاتي وارن جي لاپرواهي برقرار رهي تہ رائيس ڪينال کي گهاري پوڻ سبب باڊهہ شهر سميت علائقي جي وڏي آبادي متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي. رائيس ڪينال شهر جي وچ مان گذرڻ سبب ڪروڙين روپين جي لاڳت سان شهر جي حفاظت لاءِ رائيس ڪينال کي ٻنهي پاسن کان حفاظتي ديوارون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

بدين شهر جا قبرستان پاڻي ۾ ٻڏل انتظاميا طرفان پاڻي نيڪال نہ ڪيو ويو

نيڪال نہ ڪرڻ جي ڪري ماڻهو پنهنجن پيارن جي قبرن تي مٽي وجهي نہ سگهيا

شاهہ قادري مهيا ولي ۽ مولوي احمد ملاح قبرستان مڪمل طور برساتي پاڻي ۾ ٻڏي ويا

بدين شهر جا قبرستان پاڻي ۾ ٻڏل انتظاميا طرفان پاڻي نيڪال نہ ڪيو ويو

بدين (مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر جا قبرستان پاڻي ۾ ٻڏل انتظاميا طرفان پاڻي نيڪال نہ ڪرڻ جي ڪري ماڻهو پنهنجن پيارن جي قبرن تي مٽي وجهي نہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪلوئي تعلقي جي مختلف ڳوٺن ۾ گيسٽرو وبائي صورتحال اختيار ڪري وئي

گندو پاڻي پيئڻ تيز گرمي ۽ مڇرن جي چڪ پائڻ سبب سوين ماڻهو ڊائريا ۾ وٺجي ويا

ڪلوئي تعلقي جي ڪنهن بہ صحت مرڪز ۾ ڪنهن بہ قسم ڪا دوائون نٿيون ملن

ڪلوئي (رپورٽر) ڪلوئي تعلقي جي مختلف ڳوٺن ۾ گيسٽرو وبائي صورتحال اختيار ڪري وئي هڪ ٻارڙي فوت هڪ سئو کان وڌيڪ ماڻهو ۽ ٻار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

قاضي احمد لڳ يوسي ڏيٽران جي ڳوٺ مبارڪ ڪوسو جي رهواسي جو احتجاج

ڳوٺ مبارڪ ڪوسو جي رهواسي منير احمد ڪوسو مبينا الزام هڻندي مظاهرو ڪيو

عملدار ڪاروائي ڪري قانون جي گرفت ۾ آڻين مون مسڪين جي مدد ڪن: منير احمد ڪوسو

مون قيادت سان ڳالهايو آهي انشاءَالله جلد هن مسڪين جي هر ممڪن مدد ڪبي: محمد رفيق ڪوسو

قاضي احمد (رپورٽر) قاضي احمد لڳ يوسي ڏيٽران جي ڳوٺ مبارڪ ڪوسو جي رهواسي منير احمد ڪوسو مبينا الزام هڻندي ڏانهيندي چيو تہ عيد ڏينهن مان پنهنجي دوست سان گڏ بحريا ٽائون نوابشاهہ کان واپس قاضي احمد طرف اچي رهيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

صوبائي وزير توانائي امتياز احمد شيخ جو شهر جي اهم امام بارگاهن جو دورو

صفائي سٿرائي ۽ لائيٽنگ جون ڪجهہ شڪايتون مليون آهن: امتياز احمد شيخ

ضلعي ۾ 104 جلوس ۽ هڪ هزار کان وڌيڪ مجلسون ٿي رهيون آهن، انتظام سخت ڪيا ويا

آصف رضا بلوچ کي ساڻ ڪري اهم امام بارگاهن ڪربلا معلا ۽ جهنگل شاهہ جو دورو ڪيو

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) صوبائي وزير توانائي امتياز احمد شيخ جو شهر جي اهم امام بارگاهن جو دورو، صفائي سٿرائي ۽ لائيٽنگ جون ڪجهہ شڪايتون مليون آهن انهن کي حل ڪرڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر ۽ سي اير او کي هدايتون ڏنيون آهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

شڪارپور: صوبائي وزير توانائي امتياز احمد شيخ جو شهر جي اهم امام بارگاهن جو دورو ڪيو

سکر جي نئون پنڊ واري علائقي جي رهواسين پاران صفائي نہ ٿيڻ خلاف احتجاج

مظاهرين سکر ميونسپل کاتي ۽ پبلڪ هيلٿ خلاف سخت نعريبازي ڪري رهيا هئا

انتظاميا جي نااهلي سبب نئون پنڊ بينظير ڪالوني ۾ گندگي جو آزار وڌي ويو آهي

ميونسپل کاتي جي نااهلي سبب نالين جو گندو پاڻي روڊن ۽ گهرن ۾ ڪاهي پيو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) نيو پنڊ علائقي بي نظير ڪالوني گول ٽڪري جي رهواسين جو ايڊمنسٽريٽر علي رضا انصاري ۽ ميونسپل ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

جيڪب آباد ۾ وقتي گورنر سنڌ آغا سراج دراني ڳوٺ نور محمد پٺاڻ پهتو

روهڙي ۾ تعزيي کي ڪلهو ڏيڻ جي ڪوشش ۾ ساهہ ٻوساٽجڻ سبب 6 عزادار ٿڌي تي فوت

ساهہ ٻوساٽجڻ سبب ٻن سڳن ڀائرن سميت 6 عزادار ٿڌي تي فوت 2 سئو کان وڌيڪ بيهوش ٿي ويا

ڪشمور جو رهواسي دل شير ولد مور زادو، گهوٽڪي سان تعلق رکندڙ ڪامران علي ۽ ٻيا فوت ٿي ويا

خيرپور جي تعلقي هالاڻي جا سڳا ڀائر منصور ۽ ذوالفقار ولد بشير سولنگي ٿڌي تي فوت ٿي ويا

روهڙي ۾ تعزيي کي ڪلهو ڏيڻ جي ڪوشش ۾ ساهہ ٻوساٽجڻ سبب 6 عزادار ٿڌي تي فوت ٿيا آهن

سکر/روهڙي (نمائندن وٽان) 9 محرم ساڍا چار سئو سالا ڪربلا مولا جو تعزيي کي ڪلهو ڏيڻ جي ڪوشش ۾ گرمي حبس ۽ ماڻهن جي رش ۾ ساهہ ٻوساٽجڻ سبب ٻن سڳن ڀائرن سميت 6 عزادار ٿڌي تي فوت 2 سئو کان وڌيڪ عزادار بي هوش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دولتپور ۾ محرم الحرام چورن تر تپائي ڇڏيو، لکين روپين جو قيمتي سامان چوري

هڪ ئي رات چورن چار دوڪانن جون چتيون ٽوڙي لکين روپين جو قيمتي سامان چورائي ويا

مشتاق انڙ جي پيبدي مان 6 ٻوري ڊي اي پي 25 هزار نقد عبدالله عمراڻي جي سيلون تان چوري ٿي

دولت پور صفن (رپورٽر) دولتپور ۾ محرم الحرام چورن تر تپائي ڇڏيو هڪ ئي رات چورن چار دوڪانن جون چتيون ٽوڙي لکين روپين جو قيمتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

مٽياري ۾ روحاني دعوت جي طرفان قادري آستانہ مٽياري تي شهداءِ ڪربل جي ياد ۾ محفل منعقد

تبليغي تنظيم روحاني دعوت پاڪستان جي امير قبلہ سائين فقير علي اڪبر قادري پاران خطاب

اسان کي امام عالي مقام جي فڪر جي رهبري ۾ زندگي گذارڻ کپي حق ۽ سچ تي قائم رهي: علماءِ اڪرام

دنيا ۾ بہ فڪرئي آهن هڪ حسينيت ۽ ٻيو يزيديت حق ۽ سچ تي هلڻ حسينيت آهي باقي يزيديت آهي

مٽياري ۾ روحاني دعوت جي طرفان قادري آستانہ مٽياري تي شهداءِ ڪربل جي ياد ۾ محفل منعقد ٿي

مٽياري (رپورٽر) مٽياري ۾ روحاني دعوت پاڪستان جي طرفان قادري آستانہ مٽياري تي شهداءِ ڪربل جي ياد ۾ محفل فڪر حسين عليہ السلام منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي تبليغي تنظيم روحاني دعوت پاڪستان جي امير قبلہ سائين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

چمبڙ شهر ۾ ڪربلا جي گهوٽ شهزادي قاسم جي مهندي برآمد، انتظام سخت

عمراڻي محلہ رهائش گاهہ لاهوتي غلام محمد عمراڻي ۽ اڪرم عمراڻي مان برآمد ٿي

جلوس مرڪزي امام بارگاهہ سمن آباد چمبڙ سٽي ۾ نهر پذير ٿيو، ياحسين ع جون صدائون

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) چمبڙ شهر ۾ ڪربلا جي گهوٽ شهزادي قاسم جي مهندي عمراڻي محلہ رهائش گاهہ لاهوتي غلام محمد عمراڻي ۽ اڪرم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

قاضي احمد ۾ محرم الحرام جي حوالي سان ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش

رسول بخش انڙ امام بارگاهہ وٽ مومن پاران تلوارن غرزن ۽ ڇرين سان ماتم ڪيو ويو

ڪربلا جي سائين جي ياد ۾ غرزن، تلوارن، ڇرين سان خوني ماتم ۽ عزاداري ڪئي وئي

قاضي احمد (رپورٽر) قاضي احمد ۾ هر سال شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ فقير رسول بخش انڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27 جيان محرم الحرام جي حوالي سان ڪربلا جي

ميرپورماٿيلو ۾ جسقم طرفان سانگهڙ جي نيائين سان بداخلاقي ڪرڻ خلاف احتجاج

سانگهڙ جي سنڌي هندو نيائين جي تذليل ڪري عورتن تي تشدد ڪيو آهي: مظاهرين

سازش تحت سنڌ کان لڏائي ملڪيتن تي قبضو ڪرڻ جي سازش رٿي وئي آهي: رمضان ڪلوڙ

ميرپورماٿيلو (محمد بخش گبول) ميرپورماٿيلو ۾ جسقم طرفان سانگهڙ جي سنڌي هندو نيائين سان بداخلاقي ڪرڻ خلاف احتجاج، بااثر خلاف ڇتي نعريبازي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ميرپورماٿيلو ۾ مڇي جي تلاءُ ۾ زهريلي زهريلي دوا وجهڻ سبب مڇي مرڻ لڳي

ڳوٺ شير محمد ڪولاچي ۾ مڇي جي تلاءُ ۾ زهريلي دوا وجهڻ سبب مڇي مرڻ لڳي آهي

تلاءُ مالڪن جو لکين روپين جو نقصان ٿيڻ لڳو، ۾ تلاءُ مالڪن پاران ميرپورماٿيلو ۾ احتجاج

جروار (محمد بخش گبول) جروار ويجهو زهريلو تلاءُ مالڪن جو احتجاج مخالفن تي الزام، خشڪ برادري پاڻي مڇي جي تلاءُ ۾ ڇڏڻ سبب مڇي مرڻ لڳي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ 9 هين محرم تي پيادل ماتمي جلوس پهتو

ڳوٺ بادل خان چانڊيو کان 13 ڪلو ميٽر جو پيادل ماتمي جلوس گولاڙچي پهتو

ماتمي جلوس ۾ شامل عزادارن حضرت عباس جو علم بلند ڪري ماتم ڪيو

گولاڙچي (رپورٽر) ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ 9 هين محرم الحرام جي موقعي تي ڳوٺ بادل خان چانڊيو کان 13 ڪلو ميٽر جو پيادل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نئون ڪوٽ لڳ ڳوٺ فتح علي رند جي پنجتني امام بارگاهہ تي ماتم برپا

9 محرم الحرام 1444ھ جي رات 31 هن سالياني باهہ تي ماتم برپاءِ ڪيو ويو

خندق ۾ ٻهريان هڪ سيد يا معصوم ٻارڙي کي علم عباس ڏئي خندق مان گذاريو ويندو

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ لڳ ڳوٺ فتح علي رند جي پنجتني امام بارگاهہ انجمن شاهہ نجف پاران هر سال جيان هن سال بہ 8 محرم الحرام جي شام 9 محرم الحرام 1444ھ جي رات 31 هن سالياني باهہ تي ماتم برپاءِ ڪيو ويو آهي جڏهن تہ خندق 12 فٽ ڊگهي 2 فٽ ويڪر ۽ اڍائي فٽ اونهي کوٽي ويندي آهي جنهن ۾ 60 کان 70 مڻ ڪاٺ ڏينهن کان ئي خندق ۾ ڪاٺ ساڙڻ شروع ڪيو ويندو آهي ڪائين ڪي نج ڳيهہ سان باهہ جي شروعات ڪئي ويندي آهي جيڪا سڄو ڏينهن سڙي رات جو 11 بجي تائين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

مٽياري ۽ آسپاس جي علائقن ۾ برسات، علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا

هيٺيان علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا، ووڻٽن جي فصلن کي بہ ڪافي نقصان پهتو

موٽر سائيڪلون سلپ ٿي ڪلٽي ٿيڻ جي نتيجي ۾ 15 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا

مٽياري (رپورٽر) مٽياري ۽ آسپاس جي علائقن ۾ اڄ سخت گرمي ۽ ڪانيو، شام جو برسات پئي جيڪا وقفي وقفي سان جاري آهي جنهن ڪري هيٺيان علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا، ووڻٽن جي فصلن کي بہ ڪافي نقصان پهتو آهي، موسم خوشگوار ٿي وئي آهي. جڏهن تہ بائي پاس قومي شاهراهہ لنڪ روڊن تي موٽر سائيڪلون سلپ ٿي ڪلٽي ٿيڻ جي نتيجي ۾ 15 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ڪنڌڪوٽ ۾ 9 محرم الحرام تي بہ ماتمي جلوس برآمد ٿيا، انتظام سخت

علم عباس جو ماتمي جلوس بر آمد ٿيو جيڪو پنهنجي روايتي رستن تي هلندي پهتو

جلوس جي قيادت مير فائق علي جکراڻي، بشير حيدري، ڊاڪٽر نثار شيخ ۽ ٻين ڪئي

ڪنڌ ڪوٽ (رپورٽر) - 9 محرم الحرام تي بہ ماتمي جلوس برآمد ٿيا ممتاز پاڙي مان غلام عباس هاشمي جي گهر مان علم عباس جو ماتمي جلوس بر آمد ٿيو جيڪو پنهنجي روايتي رستن تي هلندي سيناڙوبي - زنجير زني سان ماتم ڪندي يا حسين يا حسين جون صدائون بلند ڪيون ماتمي جلوس رات دير سان سيد غلام شاهہ پهچي اختتام پذير ٿيو هيو ماتمي جلوس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

سومرا اتحاد پاران مرحوم جنيد سومرو جي 13 هين ورسي ملهائي وئي

سومرا اتحاد جي ميمبرن مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي

جنيد احمد عظيم ۽ بهادر انسان هو، دل سنڌ لاءِ محبت سان ڀريل هئي: اڳواڻ

شڪارپور (رپورٽر) سومرا اتحاد پاران مرحوم جنيد سومرو جي 13 هين ورسي ملهائي وئي، خبر موجب: سومرا اتحاد پاران مرحوم جنيد سومرو جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ميرپور ماٿيلي ۾ وڏيري جي فيملي سان ڪيل بدمعاشي جي خلاف احتجاج

بدمعاشي جي خلاف پريس ڪلب آڏو هندو برادري ۽ قوم پرستن جو احتجاج

شمشير پتافي ۽ ساٿي بااثر هجڻ ڪري حد جي پوليس ڪا بہ ڪاروائي نہ آهي: اڳواڻ

ڪنڌ ڪوٽ (رپورٽر) - ڪنڌ ڪوٽ ميرپور ماٿيلي ۾ وڏيري جي هندو فيملي سان ڪيل بدمعاشي جي خلاف پريس ڪلب آڏو هندو برادري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٽنڊو مٺاخان ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ ماتمي جلوس برآمد ٿيو

ماتمي جلوس امام بارگاهہ حسيني کان برآمد ٿيو وڏن سان گڏ ننڍا ٻار پڻ شامل ٿيا

امام بارگاهہ حسيني تان سيد علي رضا شاهہ، نوح خوان سيد فدا حسين شاهہ جي نگراني ۾ جلوس

سانگهڙ (رپورٽر) ٽنڊو مٺاخان ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ ماتمي جلوس برآمد ٿيو مرڪزي ماتمي جلوس امام بارگاهہ حسيني کان برآمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

جروار ۾ هندو برادري جو ميرپورماٿيلو واقعي خلاف احتجاج ڪيو ويو

جروار (رپورٽر) جروار ۾ هندو برادري جو ميرپورماٿيلو واقعي خلاف احتجاج ڪيو ويو ڏينهن اڳ سانگهڙ سان واسطو رکندڙ هندو فيملي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

ڪنڊڙا ۾ امام عالي مقام حضرت امام حسين عليہ سلام سندس ساٿين کي ڀيٽا

جامع مسجد ٽنڊو علي آباد جي اڱڻ اڳيان قديمي باهہ جو ماتم ڪيو ويندو: انتظام سخت

سيد غلام مهدي شاهہ ٽانڊن جي مچ تي مصلو وڇائي 2 رڪعتون تي نماز نفل ادا ڪندو

ڪنڊڙا (رپورٽر) ڪنڊڙا ۾ امام عالي مقام حضرت امام حسين سندس ساٿين ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ 10 محرم الحرام جي رات جامع مسجد ٽنڊو علي آباد جي اڱڻ اڳيان قديمي باهہ جو ماتم ڪيو ويندو سيد غلام مهدي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

مٽياري لڳ ڳوٺ غلام محمد لغاري ۾ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ منعقد

اصغريہ علم و عمل تحريڪ پاڪستان جي تعاون سان ٿيليسيميا جي مريضن جون زندگيون بچائڻ جي لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ منعقد ڪئي وئي

منعقد ٿيندڙ ڪئمپ ۾ ٿيليسيميا پيشنٽ ويلفيئر سوسائٽي نواب شاهہ جي ٽيم عزادارن کان رت جو عطيو ورتو

مٽياري (رپورٽر) مٽياري ضلعي جي ڳوٺ غلام محمد لغاري ۾ هر سال جيان هن سال بہ 9 محرم الحرام جي ڏينهن تي اصغريہ علم و عمل تحريڪ پاڪستان جي تعاون سان ٿيليسيميا جي مريضن جون زندگيون بچائڻ جي لاءِ بلڊ ڊونيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

مٽياري لڳ ڳوٺ غلام محمد لغاري ۾ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ منعقد ڪئي وئي

ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
Email: dailysindhyar@gmail.com
Tel: 021-35650370, 32046551 Fax: 35650371
Publisher: A.Hussain Printer: Sim Printing Press
I.I Chundrigar Road Karachi.
Office: 807 Trade Tower Abdullah Haroon Road Karachi
روزاني سنڌيار سِم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي.
اڱارو 9 آگسٽ 2022ع

ماڪَ پَچائِن مولِهيا، مَٿان راتِ پَئي؛
اولِيون اُجهڻ لَڳِيون، وِيا وَنجهہ وَهِي؛
ڳلاڇيان ڳهي، ڳڏهن ڳونہ آڻيو
شاهہ عبداللطيف

ڪربلا جي بقا جا راز

اعجاز ممنائي

اڄ عاشور جو ڏينهن آهي هيءُ ڏينهن ڪو عام ڏينهن ناهي پلي ڪوان ڏينهن ڪي وقت جي ظالم جابر فاسق ۽ فاجر حڪمران جي فتح جو ڏينهن ڪري ملهائي پر جيڪا ظلم جي انتها ڪربلا جي ميدان تي ٿي آهي ان تي پوري انسانيت شرمسار آهي هن دنيا اندر ڪو هڪ ناحق قتل ٿيندو آهي تہ پوري دنيا ماتم ڪرڻ لڳندي آهي اڄ ڪربلا جي پڙ ۾ بيعت جو بهانو ناهي نبي اڪرم صہ جي آل کي ٽي ڏينهن بکيو ۽ پياسو ڪري ناحق قتل ڪيو ان جي باوجود مظلوم جي غم کي ياد ڪرڻ وارن اڳيان سوين سوال اٿاريا ٿي وڃن تہ ڪربلا 61هہ جو سانحو آهي ان تي اڄ دانهون ڪرڻ اجايون آهن انهن حيوان صفت انسانن کان رڳو ايترو سوال ڪريو تہ توهان پنهنجي ابن ڏاڏن جون ورسيون ملهائي دنيا کي ڪهڙو سبق ڏيندا آهيو؟ هتي هڪ ڏينهن ان اهلبيت جي گهراڻي تي ظلم جا پهاڙ ڪيرايا ويا آهن جنهن پوري دنيا کي انسانيت جا گڻ سيکاريا نہ تہ اهي بدو نياڻين کي نحوست سمجهي زنده دفن ڪندا هئا ننڍين ننڍين ڳالهين تي سالن تائين وڏا وڏا جهيڙا ڪندا هئا جن انسانيت کي نيڪي ۽ بدي پرکڻ، حلال ۽ حرام جي پهچان ڪرائي انهن سان جهيڙو جوتڻ ڪٿان جو انصاف آهي!!!!

جيئن خداوند ڪريم هرشيءِ جا ٻہ رخ خلق ڪيا آهن تيئن دنيا اندر انساني تاريخ پڻ ٻن رخن سان هلندي پئي رهي ڪربلا جي واقعي ۾ بہ ڪردارجا سڪي وانگر ٻہ مختلف رخ آهن هڪ رخ خيانت، بي وفائي، ظلم و ستم، بي رحمي ۽ مهمان مارجو آهي تہ ٻيو رخ وفاداري، فداڪاري، شجاعت، بهادري، صبر، ظلم اڳيان نہ جهڪڻ، الله جي راضپي تي راضي رهڻ ۽ عبادت جي اعلىٰ ترين درجي جو آهي اهوئي سبب آهي جو اڄ بہ باطل جا پوئلڳ پنهنجي پراڻي روش اپنائي ٻهرئين رخ جي پيروي ڪندا پيا اچن جڏهن تہ انهن جي مقابلي لاءِ حق سائن مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ هر ميدان سجايو آهي

ڪربلا جي واقعي ۽ امام حسين (ع) جي قيام جو اهم عنصر سنڌس پاڪ ۽ خدائي نيت آهي. پاڻ صرف ۽ صرف الله جي راضپي ۽ دين کي زنده ڪرڻ لاءِ قيام ڪيو سنڌس قيام ۾ ڪنهن بہ

…

خطبن ۾ پڌري نظر اچي ٿي
مثال طور جنهن ڏينهن امام حسين مڪي مان عراق ڏانهن روانا ٿيا تہ فرمايائون: جيڪو بہ فداڪاري، شهادت ۽ الله سائينءَ سان ملاقات جو مشتاق آهي اهو اسان سان هلي دنيا ڏٺو تہ لکين ۽ ڪروڙين انسانن مان رڳو چند ماڻهن امام جي اعلان تي لبيڪ چيو ۽ ثابت قدم ٿي بيٺا ۽ ذلت کي پاڻ کان پري ڪيو امام حسين (ع) جي بهادر فرزند علي اڪبر (ع) بہ ڪربلا جي رستي ۾ فرمايو تہ بابا جيڪڏهن اسان حق تي آهيون تہ موت جي ڪا پرواهہ نہ آهي ائين ئي امام حسين (ع) جي شيردل ڀيڻ حضرت زينب سلام الله عليها جڏهن پنهنجي ڀاءُ جي رت سان رڱيل جسم وٽ آئي تہ بدن اطهر کي هٿن سان زمين کان مٿي بلند ڪري فرمايو: اي پالڻهار اسان (رسول الله جي اهل بيت (ع)) جي هيءَ قرباني قبول فرما. جڏهن تہ شام ۾ يزيد سان مخاطب ٿيندي فرمايائين توڙي جو زماني جي سخت حالتن مونکي اهڙي صورتحال ۾ قرار ڏنو آهي جو توسان ڳالهائي رهي آهيان تڏهن بہ تو کي حقير ۽ خوار ڄاڻيان ٿي. جيڪو ڪري سگهين ٿو ڪر پر تون اسان جي نور کي ختم نٿو ڪري سگهين ۽ اسان جا نشان متائي نٿو سگهين
ايترين چٽين حقيقتن باوجود باطل جي پيروي ڪرڻ ۽ حق کان منهن موڙڻ تي افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو تاريخ جي ڪتابن ۾ ڪربلا جي ڪيس جي ڪجهہ تفصيل هن ريت ملن ٿا:
مڪي ۾ امام حسين عليہ السلام کي ڪوفي مان ملندڙ خطن جو تعداد 12000 هيو
يزيد ملعون جي بيعت کان انڪار ڪان حشر 10 محرم جي ڏينهن تائين 175 ڏينهن جو فاصلو آهي هن تفصيل سان (12 ڏينهن مديني ۾، 4 مهينہ 10 ڏينهن مڪي ۾، 23 ڏينهن مڪي کان ڪربلا جي سفر ۾ . 8 ڏينهن ڪربلا ۾
مڪي کان ڪوفي جي سفر ۾ ۽ مولا جو ڪربلا پهچڻ تائين رستي ۾ 18 منزلون جتي امام حسين عليہ السلام قيام ڪيو هيو
هر منزل جو فاصلو هڪ ٻئي کان 3 کان 5 فرسخ هيو
ڪوفي کان شام 14 منزلون هيون جن کان اهلبيت عليهم السلام کي قيدي بڻائي گذاريو ويو هيو
مولا حسين عليہ السلام جي ڪوفي جي سفير جناب مسلم ابن عقيل عليہ السلام جي هٿن تي 18000 يا 25000 يا 40000 ماڻهن جي بيعت ڪرڻ جو ذڪر ملي ٿو
ڪوفي منجهان امام حسين عليہ السلام سان جنگ ڪرڻ ڪاڻ 33000 سپاهن جو ذڪر ملي ٿو جنهن جي ترتيب هن ريت آهي عمر ابن سعد سان گڏ 6000؛ سنان ابن انس سان 4000؛ عروه ابن قيس سان 4000؛ شمر سان 4000؛ ثبث ابن ربيع سان 4000؛ يزيد بن رڪاب ڪلبي سان 2000؛ حصين بن نمير سان 4000؛ مازني سان 3000؛ نصر مازني سان 2000
حضرت ابو طالب عليہ السلام جي اولاد منجهان جن ڪربلا جي شهيدن جا نالا امام زمانہ عج جي زباني زيارت ناحيہ ۾ آيا آهن انهن جو تعداد 17 آهي
حضرت ابو طالب عليہ السلام جي اولاد منجهان جن ڪربلا جي شهيدن جا نالا امام زمانہ عج جي زباني زيارت ناحيہ ۾ نہ آيا آهن انهن جو تعداد 13 آهي ۽ 3 ٻار بہ بني هاشم منجهان شهيد ٿيا آهن ٽوٽل شهيد اولاد ابو طالب عليہ السلام 33 ملي ٿو جن جي ترتيب هن ريت آهي امام حسين عليہ السلام ۽ امام عليہ السلام جن جا 3 فرزند؛ 9 امام علي عليہ السلام جن جي اولاد منجهان؛ 4 امام حسن عليہ السلام جن جي اولاد منجهان؛ 12 حضرت عقيل عليہ السلام جن جي اولاد منجهان؛ 4 حضرت جعفر عليہ السلام جن جي اولاد منجهان
امام حسين عليہ السلام ۽ بني هاشم کان سواءِ 82 شهيدن جا نالا زيارت ناحيہ ۽ ڪجهہ ٻين معتبر ڪتابن ۾ آيا آهن ۽ 29 ٻين شهيدن جا نالا ڪجهہ متاخر منابع ۾ آيا آهن
ڪوفي منجهان امام حسين عليہ السلام جن جا 138 صحابي شهيد ٿيا جن منجهان 14 غلام هيا
امام حسين عليہ السلام جن جي نازڪ جسم تي سندن جي شهادت کان پوءِ 33 نيزن جا زخم؛ 34 تلوارن جا زخم؛ ۽ لاتعداد تيرن جا زخم مليا
سيد الشهداء عاشور جي ڏينهن 10 شهيدن جي لاءِ مرثيو پڙهيو ۽ انهن جي شهادت تي يا انهن لاءِ دعا فرمايئون يا سندن جي قاتلن لاءِ بد دعا ڪيائون. تن جا نالا هي آهن: حضرت علي اڪبر؛ حضرت عباس؛ حضرت قاسم بن حسن؛ حضرت عبد الله بن حسن؛ حضرت علي اصغر؛ حضرت مسلم بن عوسجہ؛ حضرت حبيب ابن مظاهر؛ حضرت حر بن يزيد رياحي؛ حضرت زهير بن قين؛ حضرت جون ۽ حضرت مسلم ابن عقيل ۽ حضرت هاني بن عروه عليهم السلام جن لاءِ دعا فرمايائون
امام حسين عليہ السلام 7 شهيدن جي مٿان پيرين پيادي ويا: حضرت مسلم بن عوسجہ؛ حضرت حر رياحي؛ حضرت واضح رومي؛ حضرت جون؛ حضرت عباس؛ حضرت علي اڪبر؛ حضرت قاسم عليهم السلام
ڪربلا ۾ 3 شهيدن جي سرمبارڪ کي ڪٽڻ کان پوءِ امام حسين عليہ السلام جن جي طرف اڇلايا ويا. حضرت عبد الله بن عمير ڪلبي؛ حضرت عمرو بن جناده؛ حضرت عابس بن ابي شبيب شاڪري
ڪربلا ۾ 3 شهيدن جي جسمن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو. حضرت علي اڪبر عليہ السلام؛ حضرت عباس عليہ السلام؛ حضرت عبد الرحمٰن بن عمير

2_ حضرت عون بن عبد الله بن جعفرطيار جن جي امڙ حضرت زينب ڪبري سلام الله عليها. 3_ حضرت قاسم بن حسن جن جي امڙ بيبي فروه (رملہ) 4_ حضرت عبد الله بن حسن جن جي امڙ بيبي بنت شليل جيليہ. 5_ عبد الله ابن مسلم بن عقيل جن جي امڙ بيبي رقيہ (مولا عباس جي ڀيڻ). 6_ حضرت علي اڪبر جن جي امڙ بيبي ام ليلي. 7_ حضرت محمد بن ابي سعيد بن عقيل؛ حضرت عمرو ابن جناده؛ حضرت عبد الله ابن وهب ڪلبي جن جي امڙ بيبي ام وهب
ڪربلا ۾ 5 شهيد 18 سالن کان گهٽ جا هئا 1 عبدالله رضيع (حضرت علي اصغر عليہ السلام) 2_ عبد الله ابن حسن عليہ السلام. 3_ محمد بن ابي سعيد بن عقيل عليهم السلام. 4_ قاسم بن حسن عليهما السلام. 5_ عمرو بن جناده انصاري
ڪربلا جي شهيدن منجهان 5 شهيد پاڻ سڳورن (صلي الله عليہ و آلہ وسلم) جي صحابن منجهان هئا 1_ حضرت انس بن حرث ڪاهلي 2_ حضرت حبيب ابن مظاهر 3_ حضرت مسلم بن عوسجہ 4_ حضرت هاني بن عروه 5_ حضرت عبد الله بن يقطر عميري
امام حسين عليہ السلام جن سان 15 غلام پڻ شهيد ٿيا. نصر ۽ سعد مولا علي عليہ السلام جن جا غلام؛ منجح مولا حسن عليہ السلام جو غلام؛ اسلم ۽ قارب مولا حسين عليہ السلام جا غلام؛ حرث غلام حضرت حمزه عليہ السلام؛ حضرت جون جناب ابوذر جو غلام؛ رافع غلام مسلم ازدي؛ سعد غلام عمر صيداوي؛ سالم غلام بني مدينہ؛ سالم غلام عبدي؛ شوذب غلام شاڪر؛ شيب غلام حرث جابري؛ واضح غلام حرث سلماني هي 14 غلام ڪربلا ۾ شهيد ٿيا. جناب سلمان جيڪو امام حسين عليہ السلام جو غلام هيو مولا ان کي بصره ڏانهن موڪليو هيو ۽ هواتي شهيد ٿيو
امام حسين عليہ السلام جي اصحاب منجهان ڪربلا ۾ 2 صحابن کي قيدي بڻايو ويو هيو ۽ بعد ۾ شهيد ڪيو ويو. 1_ حضرت سوار بن منعم 2_ موقع بن ثمامہ صيداوي
4 صحابي امام حسين عليہ السلام جن جي شهادت کان پوءِ شهيد ٿيا سعد بن حرث ۽ سنڌس

…

شمر بن ذي الجوشن قبيلي هوازان جو سردار 12 سر مبارڪ؛ قبيلي بنو تميم وارن کي 17 سر مبارڪ؛ قبيلي بني اسد وارن کي 16 سر مبارڪ؛ قبيلي مذحج وارن کي 6 سر مبارڪ؛ باقي 13 سر مبارڪ ٻين قبيلن ۽ ماڻهن کنيا
ڪربلا ۾ 7 شهيد پنهنجي پيئرن جي سامهون شهيد ٿيا. حضرت علي اڪبر؛ حضرت علي اصغر؛ حضرت عمرو بن جناده؛ حضرت عبد الله بن يزيد؛ عبيد الله ابن يزيد؛ مجمع بن عائذ ۽ حضرت عبد الرحمن بن مسعود عليهم السلام
حسيني خيمن منجهان 5 مستورات دشمنن تي يا حملو ڪيو يا انهن جي مٿان اعتراض ڪيو. حضرت زينب ڪبري سلام الله عليها؛ مسلم بن عوسجہ جي ڪنيز؛ عبد الله ڪلبي جي گهرواري ۽ سنڌس امڙ؛ عمرو بن جناده جي امڙ
وهب بن ڪلبي جي امڙ (عبد الله بن عمير جي گهرواري) ڪربلا ۾ شهيد ٿيندڙ خاتون آهي
ڪربلا ۾ موجود خواتين جا نالا. بيبي زينب سلام الله عليها؛ بيبي ام ڪلثوم؛ بيبي فاطمہ؛ بيبي صفيہ؛ بيبي رقيہ؛ بيبي ام هاني سلام الله عليهم (هي 6 بيبيون مولا علي عليہ السلام جي اولاد منجهان هيون)؛ بيبي فاطمہ ۽ بيبي سڪينہ سلام الله عليهما امام حسين عليہ السلام جون نياڻيون؛ بيبي ام ليلي؛ بيبي رباب؛ جناب محسن بن حسن جي امڙ؛ جناب مسلم جي نياڻيون؛ بيبي عاتڪہ؛ بيبي فضہ نوبيہ؛ جناب وهب جي امڙ شامل آهن
مطلب تہ امام حسين (ع) سان گڏ ڪربلا ۾ شهيد ٿيڻ وارا تمام ٿورا هئا پر سندن يادگار طور رهيل زندگي، ڪلمات ۽ رفتار تي سرسري نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي تہ اهي مومن، وفادار، جانثار ۽ پاڪ انسان هئا. ان حقيقت جو روشن گواهہ عاشور جي رات امام حسين (ع) پاران پنهنجي سائين جي ساراهہ ڪندي فرمايائين ٿا تہ "مان پنهنجي صحابين کان وڌيڪ بهتر صحابي نٿو ڄاڻيان ۽ نہ ئي نيڪي ڪندڙ ۽ مٿئي جي ذميواري جي پابندي ڪندڙ ڪنهن اهلبيت کي پنهنجي اهلبيت (ع) کان وڌيڪ سچاڻان ٿو"
اهي جملا عاشور جي رات سيني کي گڏ ڪري فرمايائون تہ ڏسو يزيدين جو ارادو صرف مونکي شهيد ڪرڻ آهي جيڪي مون سان گڏ هوندا. مان توهان لاءِ پريشان آهيان هاڻ توهان کان بيعت ڪٺان ٿو تنهنڪري توهان مان جيڪو چاهي رات جي انڌاري مان فائدو وٺي هتان هليو وڃي.
تڏهن سيني گڏجي چيو مولا جيڪڏهن اوهان جي پيرن ۾ اسان کي ستر ڀيرا بلڪہ هزار ڀيرا بہ شهيد ۽ وري زنده ڪيو وڃي تڏهن بہ اوهان کي نہ ڇڏينداسين شهزاده قاسم عہ فرمايو مولا موت ماکيءَ کان وڌيڪ مٺو آهي
امام حسين (ع) ۽ سنڌس اصحاب مختلف صفتن ۾ بي مثال هئا، پر سيني کان بهترين صفت جيڪا منجهن هئي اها ظلم جي آڏو نہ جهڪڻ آهي. دشمن جيتري بہ ڪوشش ڪئي تہ انهن کي جهڪائي سگهن يا سندن زبان مان يزيد جي تعريف يا تائيد لاءِ هڪ لفظ بہ ٻڌي سگهن اها حسرت ڪٺي جهنم واصل ٿي ويا پر پشيماني يا ڪمزوري جو هڪ لفظ بہ انهن بهادرن کان نہ ٻڌي سگهيا.
ابن ابي الحديد معتزلي پنهنجي ڪتاب ۾ نهج البلاغ جي خطبي 151 جي شرح جي مناسبت سان لکي ٿو تہ دنيا ۾ ظلم آڏو نہ جهڪندڙن جو اڳواڻ جنهن ماڻهن کي خواري ۽ ذلت جي بدلي غيرت ۽ تلوارن جي ڇانوَ ۾ مرڻ جو درس ڏنو اهو ابو عبدالله حسين بن علي عہ آهي، امام عہ ۽ سنڌس صحابين کي امان جي پيشڪش ڪئي وئي پر انهن اها ذلت قبول نہ ڪئي.
نہ صرف امام حسين عہ بلڪہ سنڌس تمام سائي جيڪي عاشور 61 هجري ۾ شهيد ٿيا انهن ڪامل عزت نفس سان شهادت جو جام پيتو ابو الفضل العباس عہ جو شمر لعين طرفان امان نامي کي نڪرائڻ ان حقيقت جو هڪ نمونو آهي
دشمنن انهن جي پاڪ جسمن کي تہ ٽڪرا ٽڪرا ڪيو پر سندن عزت، سربلندي ۽ روحاني عظمت کي گهٽ نہ ڪري سگهيا
امام حسين عہ ۽ سندن سائين جي مظلوميت هڪ لحاظ سان نہ هئي بلڪہ مظلوميت جا مختلف رخ ڪربلا جي حادثي ۾ ڏسي سگهجن ٿا. امام عہ کي دعوت ڏئي بي وفائي ڪرڻ، مهمانن کي ڪهڻ، امام، سندن سائين، ٻارن ۽ خواتين مٿان پاڻي بند ڪرڻ، 72 جي مقابلي ۾ ٽيہ هزار جي فوج جو نا برابر مقابلو ڪير پياڪ ٻارن جي شهادت، ٻارن ۽ عورتن تي حملو خيمن کي باهہ، شهيدن جي پاڪ جسمن تي گهوڙا ڊوڙائڻ، سرن کي نيزن تي ڪٽڻ، شهيدن جي تدفين کان روڪڻ، آل رسول جي ٻارن ۽ بيبين کي اسير ڪرڻ ۽ مختلف شهرن ۾ گهمائڻ وغيره مظلوميت جا مختلف رخ آهن. اهي سڀ ان حادثي جون خصوصيتون آهن جيڪي ڪيس ٻين اهڙن واقعن کان جدا ڪن ٿيون.
ان ڏينهن اهلبيت عليهم السلام جي مظلوميت اهڙي هئي جو ڪٽي ڪٽي دشمن بہ روئي پئي ڏنو جڏهن حضرت بيبي زينب سہ عمر بن سعد سان مخاطب ٿيندي فرمايو تہ اي عمر بن سعد! ابو عبد الله کي شهيد ڪيو وڃي ٿو ۽ تون بيهي ڏسين ٿو ان وقت عمر سعد جا نيڻ وسي پيا ۽ سنڌس ناپاڪ ۽ خبيث چهري تي وهڻ لڳا شرم کان جناب زينب سہ کان منهن موڙيائين
هڪ انگريز موسيو مارئين جي چوڻ مطابق جيڪي مصيبتون امام حسين پنهنجي ناني جي دين کي زنده ڪرڻ لاءِ سٺيون تن ڪيس گذريل شهيدن تي بلندي عطا ڪئي. ڪانئس اڳ ڪنهن تي اهڙيون مصيبتون نہ آيون هيون. تاريخ ۾ اهڙا مصائب حسين سان مخصوص آهن تہ پوءِ تعصب جو چشمو لاهي مظلوم جا ساٿاري بڻجو هر سال عاشور ملهائڻ جو سبق بہ ڪربلا مان ملي ٿو بقول

لب فرات بہ ابهي جنگ جاري هي
ڪوئي حسين عہ ڪي لشڪر ۾ آئي حر ڪي طرح

شهادت امام حسين رضہ ۽ ڪربلا جو ميدان !!!
غلام مصطفيٰ جمالي

…

ملڪ جي سمورين پارٽين کي هڪ هنڌ ويهي عوام لاءِ سوچڻ جي ضرورت

…

جنهن لاءِ غير آئيني ۽ غير قانوني قدمن جي بہ تياري ڪئي وئي هئي، اسيمبليءَ جو رات جو پوئين پارهين تائين قومي اسيمبليءَ ۾ اجلاس جي ڪارروائيءَ کي روڪي رکيو ويو تہ جيئن بي اعتمادي رٺ جي تاريخ گذري وڃي، پر عين انهيءَ وقت اعليٰ عدالت جا دروازا کلڻ ۽ قيدين جي گاڏين جي عدالت اچڻ بعد پي ٽي آءِ اسپيڪر دل ٻڌي نہ سگهيو ۽ هُن پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي، اپوزيشن جي سينئر پارليامينٽرين کي ڪارروائي هلائڻ جي دعوت ڏني. ائين عمران خان خلاف بي اعتمادي رٺ منظور ٿي وئي ۽ اتحادي ڌرين پاران شهباز شريف کي نئون وزيراعظم بڻايو ويو. جيڪو مُلڪ کي مستحڪم بڻائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي، پر غير يقينيءَ واري صورتحال سبب نہ تہ رُپئي جو قدر ڪنهن هڪ هنڌ رُڪجڻ جو نانءُ وٺي ٿو نہ وري مهانگائيءَ جي راڪاس کي ڪا روڪ اچي رهي آهي. حالت هيءَ آهي جو عوام جي اڪثريت انتهائي تنگ حال ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور آهي.
عوام جي ان حالت کي ڏسندي ٿيڻ تہ ائين گهرجي ها تہ مُلڪ جون سموريون پارٽيون هڪ هنڌ ويهي استحڪام ۽ معاشي بحران کي حل ڪرڻ لاءِ ويچارين ها، پر افسوس تہ پي ٽي آءِ اڄ بہ انائن جي پهاڙ تي بيٺل نظر اچي رهي آهي ۽ فقط پاڻ کي ئي مُلڪ ۽ عوام لاءِ مسيحا سمجهي ٿي. جڏهن تہ حڪمران ڌر معاشي بحران ۽ افراتفريءَ جو ذميوار انهن کي ئي قرار ڏيندي اچي پئي. سندن چوڻ آهي تہ جيڪڏهن هُنن وقت سر آءِ ايم ايف سان معاهدو ڪيو هُجي ها، انهن جي شرطن تي عمل ڪيو هُجي ها تہ هونداڄ ڏيهہ هِن حالت مان نہ گذري رهيو هُجي ها. حڪمران ڌر جو اهو بہ چوڻ آهي تہ عمران خان پنهنجي حڪومت جي خلاف گهيرو تنگ ٿيندو ڏسي تيل جون قيمتون ڇاڪي واٽي گهٽايون تہ جيئن ايندڙ حڪومت لاءِ ڏچا پيدا ٿي سگهن. هُوان ڳالهہ کي بنياد بڻائيندي اِهي الزام بہ هڻي رهيا آهن تہ عمران خان کي مُلڪ جي استحڪام سان ڪو سروڪار ناهي، هُو فقط اقتدار چاهي ٿو اليڪشن ڪميشن پاران منع ٿيل فنڊ واري مامري جي سامهون اچڻ کان پوءِ حڪومت سمجهي ٿي تہ اُن سان سندن موقف کي تقويت ملي آهي. ٻي طرف پي ٽي آءِ پنهنجي انائن تان ترجيترو بہ هٽڻ لاءِ تيار ناهي، خاص ڪري سوشل ميڊيا کي هٿيار بڻائي انهن جيڪا مهم شروع ڪئي آهي، تنهن سان هاڻ تہ مُلڪ جا اهم ادارا بہ متاثر ٿي رهيا آهن. ايستائين جو لسبيلہ سانحي کي بہ انهن شڪي بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جنهن سان نہ رُڳو شهيدن جي وارثن پر مُلڪ جي محب وطن ماڻهن کي دلي صدمو رسيو آهي. اهڙي صورت ۾ ضروري آهي تہ پي ٽي آءِ کي پنهنجي روش ۾ تبديلي آڻڻ گهرجي، خاص ڪري جمهوري قدرن کي هٿي وٺرائڻ گهرجي. ڇو تہ جمهوريت جو مقصد ئي اِهو آهي تہ سامهون واري جي راءِ کي ٻُڌو وڃي ۽ اُن کي مانُ ڏنو وڃي، باقي جيڪڏهن سيني جي لتاڙ کي پنهنجي ڪاميابيءَ سان تشبيهہ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي رهي تہ پوءِ هڪ ڏينهن خود پي ٽي آءِ بہ لتاڙ هيٺ اچي سگهي ٿي.

بقايا 01 ***
ايٿليٽس سڄي دنيا ۾ پاڪستان جي عزت وڌائي آهي، هي سڀ پوري قوم جو فخر آهن شهبازشريف چيو تہ انهن سمورن ايٿليٽس سان ملاقات ڪري سنڌس حوصلا وڌائيندس ڪامن ويلٿ گيمز ۾ شريڪ ٻيا پاڪستاني ايٿليٽس بہ ساراهہ جوڳا آهن هن چيو تہ ٻيا ايٿليٽس بہ محنت ۽ دلچسپي سان پاڪستان جي نمائندگي ڪري رهيا آهن. ڪٺڻ هارائڻ راند جو حصو آهي حوصلو نہ هاريو محنت جاري رکو'

بقايا 08 ***
6 عزادار فوت ٿي ويا. ذريعن موجب فوت ٿيندڙ عزادرن مان ٽن ڄڻن جي سڃاڻپ وارو عمل مڪمل ٿي ويو آهي، جن ۾ گبو واسي دل شير ولد مورزاده، سڪر لوڪل بورڊ جو رهواسي حسن پناڻ ۽ هالاڻي واسي منصور ولد بشير احمد شامل آهن. امدادي ذريعن موجب فوتين ۽ زخمين کي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو.

بقايا 09 ***
جي سهڻن اخلاقن ۽ صبر تي عمل ڪرڻ جو وچن ڪرڻ

…

بقايا 01

۽ زخمي ايڌهي ۽ اسڪائوٽ جي رضاڪارن ميتن ۽ زخمين کي اسپتال پهچايو لاش اباڻي علائقن ڏانهن روانا تفصيل موجب 9 محرم جي صبح 4 وڳي شمع گل جي رسم ۽ برآمد ٿيندڙ ساڍا چار سئو سالا قديمي ڪربلا معلي ۾ شرڪت ۽ ڪلهوڏيڻ جي ڪوشش ۾ گرمي ۽ ماڻهن جي رش ۾ ساهه ٻوساجڻ سبب ڪشمور جو رهواسي دل شير ولد مور زادو: گهوٽڪي سان تعلق رکندڙ ڪامران علي ولد محمد اسلم: ميرو خان جو رهواسي حاڪم علي ولد سردار وسير: لوڪل بورڊ سکر جو رهواسي حسن پناڻ سميت ٻه خير پور جي تعلقي هالاڻي جا سڳا ڀائر منصور ۽ ذوالفقار ولد بشير سولنگي ٿڏي تي فوت ٿي ويا ۽ ٻه سئو کان وڌيڪ عزادار بي هوش ۽ زخمي ٿي پيا ماتمي جلوس ۾ شامل اسڪائوٽ ۽ ايڌي جي رضاڪارن ماتمي جلوس ۾ ساهه ٻوساجي فوت ٿيل جي ميتن ۽ زخمين کي ايڌي ايمبولينسز ذريعي ڪربلا ميدان تي قائم ٿيل ميڊيڪل ڪيمپن ۽ تعلقه اسپتال روهڙي پهچايو جتان ميتن کي ايڌي ايمبولينسز ذريعي انهن جي اباڻي شهرن ڏانهن روانو ڪيو ويو جڏهن ته زخمي ۽ بي هوش ٿيندڙ عزادارن کي طبي امداد فراهم ڪرڻ کانپوءِ فارغ ڪيو ويو هو ياد رهي ته ان موقعي تي تعلقه اسپتال روهڙي ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي هئي ۽ ڊاڪٽر ۽ ميڊيڪل عملو اسپتال ۾ موجود هو

بقايا 02

فقير علي اڪبر قادري جن خصوصي خطاب ڪندي فرمايو ته اسان کي امام عالي مقام جي فڪر جي رهبري ۾ زندگي گذارڻ کپي حق ۽ سچ تي قائم رهي هميشه حسيني آواز سان بي ديني ۽ ظلم بربريت واري يزديت جي خلاف ميدان ۾ بيهڻ کپي ان چيو ته امام عالي مقام جو فڪر خدا ڪانسواءِ ڪنهن جي اڳيان نه جهڪڻ قرآن تي قائم رهڻ دين جو علم بلند رکڻ هر برائي کان دور رهڻ سيکاري ٿو دنيا ۾ ٻه فڪرئي آهن هڪ حسينيت ۽ ٻيو يزديت حق ۽ سچ تي هلڻ حسينيت آهي باقي يزديت آهي ان موقعي تي نعت خوانن محمد جواد قادر محمد فواد قادر محمد سجاد قادر محمد حماد قادر مستجاب علا ممڻ نظر احمد ممڻ اظهار علا ساجد علا رياض حسن قادري نعت رسول ۽ منقبت امام عالي مقام پيش ڪيون آخر ۾ قادري ذڪر ڪري صلواة السلام پڙهي لنگر تقسيم ڪيو ويو

بقايا 03

عمراڻي مان برآمد ٿي جنهن ۾ ڪثير تعداد ۾ مومنن شرڪت ڪئي زوار سيد غلام شبير شاهه ڪاظمي ۽ سندس ساٿين نوحه پڙهي اشڪبار اکين سان پرسو پيش ڪيو مهندي جو جلوس مرڪزي امام بارگاهه سمن آباد چمبڙ سٽي ۾ نيهر پذير ٿيو انکان علاوه غريب آباد ڪالوني مان سيد علي رضا شاهه ڪاظمي ۽ هادي بخش سنائي فقير علي حسن مير حسن لاهوتي استاد رسول بخش مڱنهار جي اڳواڻي ۾ مهندي برآمد ٿي جنهن ۾ چار ذوالجناح ۽ تازيه شامل هئا مهندي جو جلوس ڳوٺ حاجي احمد هاشماڻي جي مختلف امام بارگاهن کان ٿيندو مرڪزي امام بارگاهه سمن آباد چمبڙ سٽي ۾ نيهر پذير ٿيو جتي درود سلام بعد لاهوتي غلام محمد عمراڻي اڪرم عمراڻي طرفان تمام مومنن ۾ نياز امام حسين عليه السلام تقسيم ڪيو ويو.

بقايا 04

سامان چوري ڪري آساني سان فرار ٿي ويا نامعلوم چور رات دير سان موٽر سائيڪل مستري عبدالصمد عباسي مشتاق انڊ جي پيڊي مان 6 ٻوري ڊي اي پي 25هزار نقد عبدالله عمراڻي جي سيلون تان سولر پليٽ بيٽري ۽ ضياءِ حسين شاهه جي اسپيئر پارٽس دڪان جي ڇت ٽوڙي هڪ ئي رات لکين روپين جي چوري ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته دولت پور پوليس هن مهل تائين ڪوبه هوٽون هاريو جڏهن متاثر دڪاندارن جو جوابدارن جي گرفتاريءَ جو مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ت ملوث چورن کي گرفتار ڪري دڪاندارن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 05

هٿس ته ڪرولا ڪار نمبر ARN675 ۾ ڪار سوارن 1 اياز اوٺو 2صاحب ڏنو اوٺو ۽ ٻيا نشي ۾ ڌت ٿي قاضي احمد کان نوابشاهه طرف وڃي رهيا جيڪي نشي ۾ ڌت ۽ گاڏي اسپيڊ ۾ هجڻ ڪري هن مونکي پنهنجي سائيڊ تي اچي ڪري آمهون ٽڪر هنيو جنهن ڪانپوءِ هنن مونسان ڪوب رابطو ن ڪيو مان ڪافي ڏينهن اسپتال ۾ هٿس پر هي مون وٽ لڙي نه آيا حادثي ۾ مان معزور ٿي ويو آهيان مان اعلا اختيارن کي اپيل ٿو ڪيان ته انهن مواليـن جي خلاف قانون موجب ڪاروائي ڪري قانون جي گرفت ۾ آڻين ۽ مون مسڪين جي مدد ڪن ٻئي پاسي ايس يو پي ڪارڪنن رستم علي ڪوسو چيو ته هن مسڪين سان هي حالات آ هي گهر جو هڪڙو ئي ڪمائيندڙ آ هن جي گهر ۾ هينئر ڪانئن لاءِ اٽو به ناهي مون چونڊيل يوسي ڏيڙان جي چيئرمين نور محمد چانڊيو ۽ ضلعا ڪائونسل ميمبر شبير احمد چانڊيو سميت پ پ پ جي قيادت کي هن جي حال بابت آگاهي ڏني پر افسوس ڪير هن مسڪين وٽ اڄ ڏينهن تائين لڙي نه آيو هن وڌيڪ چيو ته هن مسئلي جي جاڻ يوسي ڏيڙان جي وائيس چيئرمين محمد رفيق ڪوسو کي آهي ۽ هن مسئلي جو فيصلو ب ان ڪانين .پيرزادن.زردارين کي ڇئي ڪرايو هو پر افسوس هڪ ته فيصلي ۾ هن جو جيڪو علاج خرچ مقرر ڪيو ويو اهو به هن مسڪين کي ن مليو مان اسان جي تڪ جي چونڊيل ايم اين اي ۽ ايم پي کي اپيل ٿو ڪيان ت خدارا هن مسڪين جي مدد ڪئي وڃي ٻئي پاسي يوسي ڏيڙان جي وائيس چيئرمين محمد رفيق ڪوسو سان رابطو ڪرڻ تي هن چيو ته بلڪل مان ڪوشش ۾ آهيان مون قيادت سان ڳالهايو آ انشاالله جلد هن مسڪين جي هر ممڪن مدد ڪبي

بقايا 06

ڍور مري ويا ڪيترائي بيمار بيٺل ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ اڪائونٽ جي جهيڙي سبب ڪنهن به علائقي ۾ مال جو علاج نه ٿي سگهيو ڀاڳين جا وٿاڻ خالي ٿي ويا خبر موجب ٿرپارڪر ۾ چوپائي مال ۾ لمپي وائرس جو حملو ٿي ويو آهي جنهن کان پوءِ تعلقي ڪلوئي چاچرو ڏاهلي ننگرپارڪر ۽ ڏيپلو تعلقي جي مختلف ڳوٺن سميت مختلف هنڌن تي هڪ هزار کان وڌيڪ ڍڳيون بيمار بيٺل آهن جڏهن ته هڪ سئو کان وڌيڪ ڍڳيون مري ويون آهن جڏهن ته وٽرنري ٽيمون ڪٿي ناهن پهتيون نه وري ڪٿي چوپايو مال کي ويڪسين ڪئي وئي آهي هوڏانهن ذريعن وٽان معلوم ٿيو آهي ته ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر گوردن ۽ اڪائونٽ آفيسر ۾ بلن جي ڏيتي ليتي تان تڪرار هلندڙ آهي اهي جنهن ڪري ڪنهن به تعلقي ۾ گشتي ٽيمون ناهن پهتيون جيڪي علاج ڪن بي طرف ڳوٺ ڪائو عامر ۾ نبي بخش عامر جون ٻاويهه ڍڳيون شفيع ڏيسر جون ٻارهين ڍڳيون الهداد نهڙيو ونگڙ ڇه ڍڳيون حليم نهڙيو ونگڙ پنج ڍڳيون اشرف حجام پنج اهڙي طرح ڳوٺ ڇهو هريجن ۾ ٻه 20 کان مٿي ڍور مري ويا آهن هزارين ڍڳيون بيمار بيٺل آهن هتي جي رهواسين جو چوڻ آهي ته جهڙي رفتار سان بيماري ڦهلجي رهي آهي ۽ مال مري رهيو آهي انهي حساب سان ٿر لاءِ هڪ سانحي کان گهٽ نه هوندو تنهنڪري ترت اپاءَ ورتا وڃن هتي جي ڀاڳين ڊپٽي ڊائريڪٽر ٿرپارڪر ڊاڪٽر گوردن ۽ فرض ۾ ڪوتاهي ڪندڙ عملدارن خلاف ڪارروائي جي گهر ڪئي آهي ۽ اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ٿرپارڪر جي ماڻهن جو زريعا معاش پالتو جانور مري رهيا آهن تنهنڪري هنگامي بنيادن تي ٽيمون جوڙي ٿر جي ڏورانهن علائقن ڏانهن موڪلي مال جو علاج معالج ڪرايو وڃي

بقايا 07

جي روٽس تي ڪليل دڪانا به بند ڪرائي ڇڏيون تفصيل موجب سکر ۾ مرڪزي امام بارگاهه مان يوم عاشورو(10 محرم) تي برآمد ٿيندڙ مرڪزي ماتمي جلوس جي سيڪيورٽي انتظامن جي سلسلي ۾ سکر انتظاميا هڪ ڏينهن اڳ ئي ماتمي جلوس جي گذرگاهن طرف ايندڙ ويندڙ رستا بند ڪري ڇڏيا. شهر جي مختلف رستن تي گاڏيون ۽ پيون روڪاوٽون لڳائي مسافرن ۽ عام ماڻهن جي آمد رفت لاءِ مڪمل بند ڪري ڇڏيا رستا بند ٿيڻ بعد مسافر گاڏين. پيادل ايندڙ ويندڙ عزادار حسين کي سخت مشڪلاتون پيش آيون جڏهن ته ماتمي جلوس جي گذرگاهن واري روٽس تي قائم دڪانون به بند ڪرايون ويون.

بقايا 08

ويو واقعي بعد ڳوٺ ۾ ڪهرام مچي ويو ڳوٺاڻن موجب مذڪوره بجلي جي تار رستي تي هيٺ ڪريل هوئي جنهن سبب واقعو پيش آيو آهي جڏهن ته لاش کي ضروري ڪاروائي لاءِ قاضي احمد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ضروري ڪاروائي کان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو. ٻئي طرف لاش ڳوٺ پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

بقايا 09

روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ان موقعي تي مريضن ساجد علي شر. وڌيل شر. مسيب علي شر. شان شر. سونو خان شر چيو ته اسان ڳوٺ سونو خان شر جا رهواسي آهيون اسان کي ڪالهه ڳوٺ مان وني آيا هئا ته اوهان جو اسپتال ۾ علاج ڪندا سين هتي سڄي رات گرمي ۾ تڙپيا آهيون وارڊ ۾ پکو به نه پيو هلي دوائون به نه ٿا ڏين موڪل به نه ٿا ڏين. هنن چيو ته ڊي ايچ ڪيو اسپتال ۾ مريضن لاءِ ڪا به سهولت ناهي. اڳ ۾ دوائون ملن پيون پر هاڻي هڪ ڳوري ٽڪي به شهر مان خريد ڪرڻي پوي ٿي. هوڏانهن اڌ ڪلاڪ جي ڌرڻي بعد ميرپورماٿيلو پوليس پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪيون جنهن جي خاطري بعد مظاهرين روڊ کولي ڇڏيو.

بقايا 10

نوٽيس وٺڻ جو مطالبو تفصيل موجب سنڌ جو ٽيون وڏو شهر سکر ۾ محرم الحرام جي ڏينهن ۾ به صفائي سٿرائي جا ناقص انتظام ڏسڻ ۾ آيا. شهر جي مختلف هنڌن تي گندگي جا ڍير لڳي ويا آهن ان حوالي سان شهرين جو چوڻ آهي ته محرم الحرام جي ڏينهن ۾ به صفائي سٿرائي وارو عمل مڪمل نه ڪرڻ سکر انتظاميا جي نااهلي ۽ لاپرواهي کي ظاهر ڪري ڇڏيو آهي هنن اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 11

ته تعمير ڪرايون ويون آهن پر ان ۾ به غير معياري مٽيريل استعمال ٿيڻ سبب حفاظتي ديوارون هنڌان هنڌان ٽٽي پيون آهن جن جي به وقت سر مرمت نه ڪرائي وئي آهي. سنڌ سرڪار پاران آبپاشي سب ڊويزن باڍهه کي هر سال رائيس ڪئنال جي ڪپرن جي سارسنڀال لاءِ ڪروڙين روپيا ملن ٿا پر حالت اها آهن ته هر طرف رائيس ڪئنال جا ڪپر سارسنڀال نه ٿيڻ ڪري ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندا پيا وڃن مٿان وري بااثر ماڻهن جي قبضن سبب ڪئنال جا ڪپر سوڙها ٿيندا پيا وڃن. آبپاشي کاتي جي اعليٰ عملدارن کي گهرجي ته شهر جي وچ مان وهندڙ رائيس ڪئنال جي ٻنهي ڪپرن تي مٽي وجهرائي ڪپرن کي مضبوط ڪيو وڃي ۽ ناجائز ٿيل قبضا پڻ ختم ڪري باڍهه واسين جي پريشاني ختم ڪئي وڃي . باڍهه واسي

بقايا 12

سگهيا تفصيل موجب گزريل ٻن هفتن کان لاڳيتو وقفي وقفي سان جاري هلڪي ۽ تيز برساتن پوڻ جي ڪري بدين جي مک قبرستانن شاهه قادري مهيا ولي ۽ مولوي احمد ملاح قبرستان مڪمل طور برساتي پاڻي ۾ ٻڏي ويا آهن جنهن جي ڪري شهري پنهنجين پيارن جي قبرن تي مٽي وجهي فاتح خواني ڪري نه سگهيا آهن ضلع انتظاميا جي طرفان پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ ڪي به انتظام نه ڪيا ويا آهن ان 9 محرم سومر جي ڏينهن هزارين ماڻهو شهر کان سواءِ مختلف ڳوٺن کان پڻ قبرستانن تي فاتح خواني ڪرڻ ۽ قبرن تي مٽي وجهڻ لاءِ ايندا پر قبرستانن ۾ بيٺل گوڏي جيڏي پاڻي جي ڪري جي هو قبرن تي مٽي نه وجهي سگهندا شهرين ڊي سي بدين ۽ ٻين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته بدين جي قبرستانن ۾ بيٺل برساتي پاڻي کي نيڪال ڪري قبرستانن مان مستقل نيڪال لاءِ نالا تعمير ڪيا وڃن ته جيئن قبرون تباهي کان بچي سگهن ۽ شهرين کي پنهنجن پيارن جي قبرن تي فاتح خواني ڪرڻ ۾ تڪليفون درپيش نه اچن

بقايا 13

جيڪب آباد ۾ 10محرم الحرام تي 51جلوس برآمد ٿيندا ان حوالي سان سيڪيورٽي پلان جاري ڪيو ويو آهي ايس ايس پي جيڪب آباد سمير نور چنا ۽ ڊي سي جيڪب آباد محمد يوسف شيخ پاران جلوسن جي مختلف رستن جو دورو ڪندي ٻڌايو ته ضلعي اندر سيڪيورٽي انتظام سخت ڪيا ويا آهن 2800سئو کان مٿي پوليس اهلڪارن سميت رينجرز ۽ آرمي جا جونا به پنهنجا فرض نڀائيندا هن چيو ته سيڪيورٽي بهتر بنائڻ لاءِ 170 سي سي ٽي وي ڪيمرائون لڳايون ويون آهن جلوسن جي سيڪيورٽي جي پاڻ نگراني ڪري رهيو آهيان هن ٻڌايو ته بلوچستان کان ايندڙ رستن تي 33اضافي پوليس چوڪيون قائم ڪري سخت چيڪنگ ڪئي پئي وڃي

بقايا 14

سوڳ تفصيل موجب پنوعاقل جي علائقي خواجا پاڙو زند پراڻو سيمينا ويجهو 17 سالن جي نوجوان نالي مزمل صلد حاجي انور پناڻ جيڪو ڪوئيٽا جيڪو بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويو فوتي جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ علائقي ۾ سوڳ واري صورتحال پکيڙيل آهي نوجوان جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ لاءِ تعلقه اسپتال روانيو ڪيو ويو ۽ بعد لاشن وارثن حوالي ڪئي وئي.

بقايا 15

سميت 11 ڄڻا زخمي اسپتال منتقل مهر برادري پاران بااثر مگريا برادري جي زيادتين خلاف احتجاج انصاف جي اپيل رپورٽ موجب ٺڪرائو لڳ ڳوٺ مصري مهر ۾ مهر ۽ مگريا برادري جي ٻن ڌرين ۾ رستي جي لنگهه تان جهيڙو ٿي پيو آهي جهيڙي دوران لٺيون لڳڻ جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جي 2 عورتن سميت 11 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن زخمين ۾ گل حسن مير حسن علي حسن انور علي اربيلو مير احمد مائي ڪرم خاتون مائي ڪمل مهر ۽ قبول مگريو راڻو ۽ سومر مگريو شامل آهن مهر ڌر جي ماڻهن مگريا ڌر خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ڪندڙن الزام لڳائيندي چيو آهي ته مگريا برادري جي ماڻهن اسانجي نوجوان کي رستي تان گذرڻ تي روڪيو بعد ۾ گهر تي ڪاهه ڪري حملو ڪيو جنهن ۾ ٻن عورتن سميت 8 ڄڻا زخمي ٿيا آهن احتجاج ڪندڙن ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪري انصاف ڪيو وڃي ٻي طرف مگريا ڌر جي ماڻهن رابطو ڪرڻ تي هُنن مهر برادري مٿان به گهر تي اڳرائي ڪري حملي جو الزام لڳايو آهي.

بقايا 16

۾ سيد علي شاهه جي اڳواڻي ۾ عزادارن پاران ريلي ڪڍي سينا زني ڪندي ماتمي جلوس برآمد ڪيو ماتمي جلوس مختلف رستن تان گذرندي واپس امام بارگاهه ڊريتول ۾ نهر ٿي جتي عزادارن پاران باهه تي ماتم ڪيو ويو. سيڪيورٽي جا انتظام پڻ سخت ڪيا ويا صفائي سٿرائي نه هجڻ سبب جلوس جي رستن ۽ گهٽن ۾ برسات جو پاڻي بيٺل عزادارن پاران انتظاميا خلاف ڌانهون ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چوڻ هو ته ڪربلا جي شهيدن دين ۽ اسلام خاطر يزيدن سان مهاڏو اٽڪائي پنهنجي جانين جو نظرانو ڏيئي اسلام کي زندا رکيو. هنن وڌيڪ چيو ته دوداپور جي امام بارگاهه ڊريتول ۾ 35 سالن کان عزاداري ۽ مجلس عزا منعقد ٿيندي آهي ۽ هتي پڻ باهه تي ماتم ڪري ڪربلا جي شهيدن پيٽا پيش ڪيو ويندو آهي. باهه تي ماتم لاءِ مختلف علائقن ۽ شهرن کان پڻ ماڻهو شريڪ ٿيندا آهن.

بقايا 17

ڊائريا ۾ ونجي ويا صحت کاتو ٿرپارڪر ننڊ ستل خبر موجب ڪلوئي تعلقي جي مختلف ڳوٺن ڳوٺ ڪمهالو ڳوٺ لوه سمجراڻي ڳوٺ جاڳڻ لنڊ ڪاجهر سميت مختلف ڳوٺن ۾ هن وقت گندو پاڻي پيئڻ تيز گرمي ۽ مڇرن جي چڪ پائڻ سبب سوين ماڻهو ڊائريا ۾ ونجي ويا آهن ڳوٺ ڪاروڪن جي هڪ پنج مهينن جي ٻارڙي مهرنساءِ گيسٽرو سبب فوت ٿي وئي ۽ ٻين ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ ننڍا ٻار توڙي وڏا ڊائريا ۾ ونجي ويا آهن جڏهن ته اڃان تائين ڪنهن به ڳوٺ ۾ ميڊيڪل ٽيم نه پهتي آهي جنهن ڪري غريب ماڻهو بي يارو مددگار بٺيل آهن جڏهن ته ڪلوئي تعلقي جي ڪنهن به صحت مرڪز ۾ ڪنهن به قسم ڪا دوائون نٿيون ملن جنهن ڪري ماڻهن اسپتالن ۾ اچڻ ڇڏي ڏنو آهي هتي جي رهواسين عزيز ربڏنو ڪريم ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسان وٽ ڊائريا جا ڪيس هر روز وڌن پيا پر افسوس جهڙي ڳالهه آهي ڪٿي به ڪا ميڊيڪل ٽيم ناهي پهتي آهي نه وري ڪنهن اسپتال ۾ دوائون ملن ٿيون هوڏانهن بيسڪ هيلٿ سينٽر ڪلوئي جي انچارج ڊاڪٽر نحچل داس ٻڌايو ته ڊائريا ۽ مليريا جا ڪيس اسان وٽ اچن پيا جن جو اسان علاج ڪري رهيا آهيون هن چيو ته ڪلوئي بيسڪ هيلٿ سينٽر آهي جنهن جي چوويهه ڪلاڪ سروس ن آهي جنهن ڪري سيريس مريضن کي هتي داخل به نٿا ڪرائي سگهون.

بقايا 18

جي خلاف پريس ڪلب آڏو هندو برادري ۽ قوم پرستن جو احتجاجي مظاهرو شمشير پتافي ۽ سندس ساٿين خلاف نعريبازي ڪندي سنتوش اگروال . ڪامريڊ عباس باجڪاڻي .رميش لال . گوتم داس .سلطان نندواڻي ۽ ٻين چيو ته سانگهڙ واسي سنڌي هندو فيملي پنهنجي مرشد جي دربار رهڙڪي اچي رهيا هيا ته معمولي ڳالهه تي ڪار سوار شمشير پتافي هٿيار بند گهرايي هندو عورتن ٻارن کي تشدد جو نشانو بڻائي ڪار جا شيشا ڀڃي بدمعاشي ڪيي جيڪي ويڊيو وائرل ٿيون پر شمشير پتافي ۽ سندس ساٿي بااثر هجڻ ڪري حد جي پوليس ڪا به ڪاروايي نه ڪيي ۽ پوليس ابتو هندو فيملي کي تنگ ڪري حراسان ڪيو اسين سنڌ حڪومت - سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ سنڌ پوليس کان مطالبو ڪريون ٿا ته فوري بدمعاشي ۽ غنڊاگردي ڪندڙن خلاف مٿان ڪيس داخل ڪري متاثر فيملي سان انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 19

صوبائي وزير توانائي امتياز احمد شيخ. ضلعي ۾ 104 جلوس ۽ هڪ هزار کان وڌيڪ مجلسون ٿي رهيون آهن. سڀ معاملا خوش اصلوبي سان هلي رهيا آهن خود نگراني ڪري رهيو آهن ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور ابرار جعفر. شڪارپور حساس آهي . ٽي هزار جوان ڊيوٽي ڏيئي رهيا آهن. ايس ايس پي شڪارپور تفصيل مؤجب: صوبائي وزير توانائي امتياز احمد شيخ ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور ابرار جعفر ۽ ايس ايس پي شڪارپور آصف رضا بلوچ کي ساڻ ڪري شڪارپور جي اهم امام بارگاهن ڪربلا معلاءِ جهنگل شاهه جو دورو ڪيو امام بارگاهن جي متولين عطا محمد شاهه ۽ سيد مير حسن شاهه . صوبائي وزير توانائي کي ٻڌايو ته امام بارگاهن جي آس پاس صفائي سٿرائي ۽ لائٽنگ جا مسئلا آهن. حل ڪرايا وڃن. جنهن تي صوبائي وزير توانائي امتياز احمد شيخ موقعي سي ايم او ميونسپل ۽ ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور کي مسئلن جي حل لاءِ هدايتون جاري ڪيون صوبائي وزير توانائي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هر سال وانگر هن سال به ضلعي انتظاميه ۽ صوبائي حڪومت محرم الحرام جي حوالي سان انتظام ڪيا آهن ۽ مان پاڻ . ڊپٽي ڪمشنر. ايس ايس پي. ايڪسي اين سيپڪو. ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ۽ سي ايم او کي گڏ ڪٺي انتظامن جي جائزي لاءِ نڪتو آهيان. صفائي سٿرائي ۽ لائيٽنگ جا ننڍا مسئلا آهن جن جي حل لاءِ هدايتون جاري ڪيون آهن. جڏهن ته مجموعي طور تي بهتر انتظام ڪيا ويا آهن ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور ابرار جعفر چيو ته ضلعي اندر 104 جلوس ۽ هڪ هزار کان وڌيڪ مجلسون ٿي رهيون جن جي هو پاڻ نگراني ڪري رهيو آهي ۽ ان ڪاءِ ڪنٽرول روم پڻ ڪري رهيو آهيان ايس ايس پي آصف رضا بلوچ چيو ته ماضي جي واقعن کي ڏسندي شڪارپور کي حساس قرار ڏيئي سگهجي ٿو. ان لاءِ ضلعي ۾ ٽي هزار جوان ڊيوٽي ڪري رهيا آهن ۽ اضافي نفري پڻ گهرائي آهي

بقايا 20

مصطفي ميراڻي - اڪرم باجڪاڻي - گهايل سنڌي - ابراهيم خاڪي - غلام رسول ملڪ - ممتاز سنڌي - ڪامريڊ عباس ۽ ٻين سوشل ميڊيا ذريعي واقعي جي مذمت ڪندي چيو ته انڊس هاوي تي بنا ڪنهن خوف جي ڌوهاري اچي واردات ڪري ويا پر پوليس ڪجهه نه ڪري سگهي آهي اسان جص ضلعي ۾ چند ڌوهارين جي ڪري امن امان متاثر ٿي رهيو آهي ڌوهارين جو خاتمو ڪري مغوي ڌوهيب ملڪ کي بازياب ڪرايو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو رستو اختيار ڪيو ويندو.

بقايا 21

اسلام الدين شيخ . رڪن قومي اسيمبلي نعمان اسلام شيخ معاون خصوصي وزير اعلي سنڌ ارسلان اسلام شيخ پاران سکر هائوس تي اڄ نو محرم الحرام حليم جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ سکر جي شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 22

گاهه تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هلندڙ برساتن سنڌ بلوچستان ۾ تباهي مچائي ڇڏي آهي جنهن سبب عوام جو وڏو نقصان ٿيو آهي هن چيو ته معيشت بهتري طرف وڃي رهي آهي فلحال اليڪشن نظر ڪون پئي اچي هن چيو ته مان ڪوڙن ڪيسن ۾ جيل ڪاٽيو پرمنهنجي خلاف نيب کي هن وقت تائين ڪو به ثبوت نه مليو آهي هن چيو ته ايندڙ اليڪشن ۾ بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ پيپلز پارٽي ڪامياب ٿيندي بلاول ڀٽو چويهه ڪلاڪ عوام جي خدمت ۾ مصروف آهي اپوزيشن کي به گهرجي ته گڏجي ڪم ڪري جيئن عوام جي خدمت ڪري سگهجي

بقايا 23

محمد علي شيخ خلاف احتجاجي مظاهرو خبر موجب نيوبند بي نظير ڪالوني جي رهواسين جو اربيلو لاشاري.فدا حسين.اسلام عباسي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو مظاهرين جو چوڻ هو ته ٻن مهينن کا وٺي اسان جي علائقي جو ڊرينج سسٽم تباهه لڳو پيو آهي نالي ۽ گٽرن جو گندو پاڻي اسان جي گهرن ۽ گهٽين ۾ داخل ٿي ويو آهي ٻارن ۽ بزرگ ماڻهن کي اچڻ وڃڻ ۾ پريشاني ٿي رهي آهي اسان شڪايتون ڪري ٿڪجي پيا آهيون پر اسان جي ڪو ٻڌڻ وارو ناهين اسان ميڊيا جي توسط سان انهن ڪرپٽ انتظاميه کي ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته اگر اسان جي علائقن جي صفائي ۽ ڊرينج سسٽم جو مسئلو حل نه ڪيو ويو ته پوءِ اسان هي گند ڪچرو انهن جي آفيسن اڳيان اڇلائيندا سين

بقايا 24

ماتمي جلوس گولاڙچي پهتو.شديد برسات دوران ماتمي جلوس ۾ شامل عزادارن حضرت عباس جو علم بلند ڪري ماتم ڪيو.قافلي ۾ شريڪ مؤمنن سينہ زني سميت زنجير ڪوبي ڪئي.جڏنهن ته دبي شاخ.جلالائي اسٽاپ سميت ماتمي جلوس جي وڪ وڪ تي آجيان ڪئي وئي.شهيد فاضل راهو چوڪ تي ڪربلا جي شهيدن کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ نوحه خواني سميت ماتم ڪيو ويو.جڏنهن ته ڪنهن به اڻوڻندڙ واقعي کي منهن ڏيڻ لاءِ پوليس جا اٽالا موجود هئا.انتظاميہ پاران جلوس جي مقرر رستن کي ٽريفڪ لاءِ بند ڪيو ويو هو

بقايا 25

سان واسطو رکندڙ ماڻهن زهر ڏيئي اسان جي لکين روپين جي مڇي ماري ويئي آهي تفصيل موجب جروار ويجهو ڳوٺ شير محمد ڪولاچي ۾ مڇي جي تلاءَ ۾ زهريلو پاڻي ڇڏڻ سبب مڇي مرڻ لڳي آهي تلاءَ جي مالڪ بشير ڪولاچي گل مير ڪولاچي ۽ ٻين احتجاج ڪندي ڌانهيون ته خشڪ برادري سان واسطو رکندڙ قبول خشڪ طالب خشڪ ۽ ٻين پنهنجن سارين جي فصل کي زهر ڏيئي اهو زهريلو پاڻي رات جي وقت اسان جي تلاءَ ۾ ڇڏي ڏنو زهريلو پاڻي تلاءَ ۾ وڃڻ سبب مڇي مرڻ لڳي هن وڌيڪ چيو ته اسان جي تلاءَ ۾ 12 لک جي ماليت جي مڇي هئي جيڪا زهريلي پاڻي جي ڇڏڻ سبب مرڻ لڳي آهي ٻن ڏينهن ۾ لکين روپين جي مڇي مري ويئي آهي اجا مري رهي آهي هن وڌيڪ چيو ظالمن اسان ٻچن جو گذر ڪسي ورتو آهي انهن جي دشمني اسان سان هئي اسان سان وڙهن ها پر مڇي جي تلاءَ ۾ زهر نه ڏين ها هنن ايس ايس پي گهوٽڪي کي اپيل ڪئي ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ انهن ظالمن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا 26

بااثر شمشير پتافي طرفان سانگهڙ جي سنڌي هندو نياڻين جي تذليل ڪري عورتن تي تشدد ڪيو آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. سنڌي هندو سنڌ جا اصل وارث آهن جنهن کي هڪ سازش تحت سنڌ کان لڏائي ملڪيتن تي قبضو ڪرڻ جي سازش رٿي وئي آهي. اڳواڻ تفصيل موجب ميرپورماٿيلو ۾ جسقم طرفان سانگهڙ جي سنڌي هندو نياڻين سان بداخلاقي ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو. ڪارڪنن ريلي ڪڍي پريس ڪلب ميرپورماٿيلو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ڪارڪنن بااثر خلاف ڇتي نعريبازي ڪئي ان موقعي تي فقير رمضان ڪلوڙ. ميرحسن لاشاري ايڊوڪيٽ نديم ملاڻو ۽ ٻين چيو ته بااثر شمشير پتافي طرفان سانگهڙ جي سنڌي هندو نياڻين جي تذليل ڪري عورتن تي تشدد ڪيو آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا هنن چيو ته سنڌي هندو سنڌ جا اصل وارث آهن جنهن کي هڪ سازش تحت سنڌ کان لڏائي ملڪيتن تي قبضو ڪرڻ جي سازش رٿي وئي آهي جنهن ۾ هتان جا جاگيردار وڏيرا ملوث آهن هنن آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته سنڌي هندن جي عورتن جي تذليل ڪندڙ وڏيري شمشير پتافي مٿان ڪيس داخل ڪري سنڌي هندن کي تحفظ ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ پوري سنڌ اندر سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 27

امام بارگاهه وٽ مومن پاران تلوارن غرزن ۽ ڇرين سان ماتم ڪيو ويو سوين مومنن عزادارن ڪربلا شهيدن حضرت امام حسين عليہ اسلام ۽ سندس ساٿين جي ياد ۾ غرزن .تلوارن .ڇرين سان خوني ماتم ۽ عزاداري ڪئي وئي جنهن سبب 30 کان وڌيڪ عزدار زخمي ٿي پيا جن کي فوري طور طبعي امداد ڏني وئي هر طرف ياحسين ياحسين جون صدائون بلند ٿينديون رهيون شيعا اڳواڻ زوار جام فيروزخان انڙ .زوار جام نوروز انڙ. زوار جام شهروز علي انڙ. مولانا امير حسين ساجدي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا هئا

بقايا 28

ڪوٺلو تي ويندو آهي جڏهن ته 9 محرم الحرم جي رات ٺيڪ 9وڳي مجلس عزاءِ منعقد ڪئي ويندي آهي جنهن کي نامور شعيہ عالم دين خطاب ڪندا آهن اختتام مجلس کان پوءِ علامہ 2 رڪعتون نفل نماز ادا ڪندا آهن نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ باهه جو خندق ۾ پهريان هڪ سيد يا معصوم ٻارڙي کي علم عباس ڏئي خندق مان گذاريو ويندو آهي ان کان پوءِ هڪ هڪ ڄڻي کي خندق مان گذارڻ لاءِ ڇڏيو ويندو آهي امام بارگاهه جي اندر ٽوٽي ٻاهر سيڪورٽي جا انتظام انجمن شاهه نجف جا رضاڪار سنڀاليندا آهن جڏهن ڪنهن به اڻ وڻندڙ واقعي کي منهن ڏيڻ لاءِ پوليس اسٽيشن نئون ڪوٽ جي نفري به وڏي تعداد ۾ موجود هوندي آهي پروگرام دوران ڊاڪٽرن جي ميڊيڪل ٽيم ايمبولينس سميت موجود هوندي آهي نئون ڪوٽ ٽائون ڪاميٽي پاران فائر برگيڊ جي گاڏي موجود هوندي آهي امام بارگاهه جي ٻاهران عزادارن جي گاڏين جي سهولت لاءِ پارڪينگ به هوندي آهي جتي گاڏين جي حفاظت لاءِ انجمن شاهه نجف جا رضاڪار موجود هوندا آهن باهه جي ماتم جي عزاداري لاءِ 9محرم الحرام جي رات ڳوٺ فتح علي رند جي پنجتني امام بارگاهه تي نئون ڪوٽ روشن آباد. سانگي فراهي. جهڏو ،سامارو. ڏاجهرو ملڪاڻي. فضل ڀنيرو. نفيس نگر ،ٽالهي. ڪنري. نبي سر کان علاوه ٻين شهرن مان قافلاءِ ماتمي جلوس شرڪت ڪندا آهن ۽ پري پري جون انجمنون عزاداري نوحه خواني ڪنديون آهن اختتام پروگرام مومنين ۾ نياز تقسيم ڪيو ويندو آهي

بقايا 29

13 هين ورسي ملهائي وئي. ان سلسلي ۾ سومرا اتحاد شڪارپور جي سرپرست ارشد سومرو جي اڳواڻي ۾ سومرا اتحاد جي ميمبرن مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي. ان موقعي تي سومرا اتحاد جي اڳواڻن ارشد سومرو. امان الله سومرو. اسدالله سومرو. حاجي اشفاق احمد. اشتياق سومرو ۽ ٻين چيو ته مرحوم جنيد احمد سومرو سنڌ جو عظيم ۽ بهادر انسان هو. جنهن جي دل سنڌ لاءِ محبت سان ڀريل هئي. هنن چيو ته جنيد سومرو هميشه شڪارپور جي عوام جي بي انتها خدمت ڪئي. جنهن جي سياسي ۽ سماجي خدمتن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي. هنن چيو ته مرحوم جنيد احمد سومرو هڪ عوام دوست شخصيت هو. جنيد سومرو جي تيرهين ورسي تي ڪيس خراج عقيدت پيش ڪجي ٿو.

بقايا 30

شاهه تانڊن جي مچ تي مصلو وڇائي 2 رڪعتون نماز نفل ادا ڪندو. رپورٽ موجب 9 محرم الحرام ۽ 10 محرم الحرام جي رات ڪنڌرا جي محلا تنڊو علي آباد ۾ امام عالي مقام حضرت امام حسين ۽ سندس ساٿين ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ جامع مسجد تنڊو علي آباد جي اڳڻ اڳيان قديمي باهه جو ماتم ڪيو ويندو ان کان پهريان سيد غلام مهدي شاهه تانڊن جي مچ تي مصلو وڇائي 2 رڪعتون تي نماز نفل ادا ڪندو جنهن کان پوءِ بي به زينب جي سنت ادا ڪندي باهه جي ٻرندڙ تانڊن تي عزاداري ڪئي ويندي ان حوالي سان سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويندا عزادارن سميت هر مومن کان عزاداري شامل ٿيڻ کان پهريان تلاشي ورتي ويندي ماتم دوران روڊ رستا سيل ڪيا ويندا جڏهن ته ڪنڌرا پوليس سان گڏ اسڪائوٽ العباس ڪنڌرا جا جوان سيڪيورٽي جا فرائض سرانجام ڏيندا ان موقعي تي اسڪائوٽ العباس ۽ رورل هيلٿ سينٽر ڪنڌرا پاران ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي ويندي جنهن ۾ زخمين کي فرسٽ ايڊ ڏني ويندي. جڏهن ته نياز ۽ سبيلن جو سلسلو پڻ جاري رهندو

بقايا 31

ڪيمپ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ٿيليسيميا پيشنٽ ويلفيئر سوسائٽي نواب شاهه جي ٽيم عزادارن کان رت جو عطيو ورتو. تحفظ عزاداري ڪونسل سنڌ جي صوبائي جنرل سيڪريٽري سلمان علي لغاريؔ ٿيليسيميا جي مريضن جي لاءِ منعقد ڪيل بلڊ ڊونيشين ڪيمپ جو دورو ڪري رت جو عطيو ڏنو. ٿيليسيميا پيشنٽ ويلفيئر سوسائٽي جي مينيجر مجيب الرحمان خاصخيلي ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهه ٻولهه ڪندي ٻڌايو ته ٿيليسيميا پيشنٽ ويلفيئر سوسائٽي نواب شاهه کي روزانو جي بنياد تي ڏيڍ سئو کان وڌيڪ رت جي بوتلن جي ضرورت پوندي آهي مگر گهربل مقدار ۾ رت جو عطيو نہ ملڻ جي ڪري ڪيترائي معصوم ٻارڙا زندگيءَ جي بازي هارائي ويندا آهن ان ڪري اسان پوري سنڌ جي ماڻهن کي هي التجا ٿا ڪريون ته وڌ کان وڌ ٿيليسيميا جي مريضن جي لاءِ رت جو عطيو ڏئي ڪري معصوم ٻارڙن جي زندگيءَ بچائڻ ۾ اسان جي مدد ڪئي وڃي. تحفظ عزاداري ڪونسل سنڌ جي صوبائي جنرل سيڪريٽري سلمان علي لغاريؔ چيو تہ اصغريہ علم و عمل تحريڪ پاڪستان جي سيني ذمہ داران بالخصوص غلام محمد لغاري يونٽ جي صدر نثار علي ساجديؔ کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو جن جي محنت سان گذريل پنجن سالن کان وٺي ٿيليسيميا جي مريضن جي لاءِ بلڊ ڪيمپ جو پروگرام منعقد ڪري معصوم ٻارڙن جون حياتيون بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن سلمان علي لغاريؔ جو وڌيڪ چوڻ هو تہ اصغريہ علم و عمل تحريڪ پاڪستان کي ڏسي ڪري هن پيري اسان سنڌ جي مختلف شهرن ۾ تحفظ عزاداري ڪونسل پاڪستان جي پليٽ فارم تان بلڊ ڊونيشين ڪيمپون لڳايون آهن ا آئون پوري سنڌ جي عزادارن کي هيءَ اپيل ٿو ڪريان تہ خدارا گلڙن جهڙي معصوم ٻارڙن جون قيمتي حياتيون بچائڻ جي لاءِ وڌ کان وڌ رت جو عطيو ڏنو وڃي انسان جي زندگيءَ بچائڻ حقيقي حسيني فڪر آهي انڪري حسيني فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي وڌ کان وڌ انسان ذات جي بقا جي لاءِ ڪوششون ڪرڻ گهرجن ۽ پوري سنڌ جي جلوسن ۾ ٿيليسيميا جي مريضن جي بلڊ ڊونيشين ڪيمپون منعقد ٿيڻ گهرجن.

بقايا 32

۽ قوم پرستن جو احتجاجي مظاهرو شمشير پتافي ۽ سندس ساٿين خلاف نعريبازي ڪندي سنتوش اگروال . ڪامريڊ عباس باجڪاڻي .رميش لال . گوتم داس .سلطان نندواڻي ۽ ٻين چيو ته سانگهڙ واسي سنڌي هندو فيملي پنهنجي مرشد جي دربار رهڙڪي اچي رهيا هيا ته معمولي ڳالهه تي ڪار سوار شمشير پتافي هٿيار بند گهرايي هندو عورتن ٻارن کي تشدد جو نشانو بڻائي ڪار جا شيشا ڀڃي بدمعاشي ڪيي جيڪي ويڊيو وائرل ٿيون پر شمشير پتافي ۽ سندس ساٿي بااثر هجڻ ڪري حد جي پوليس ڪا به ڪاروايي نه ڪيي ۽ پوليس ابتو هندو فيملي کي تنگ ڪري حراسان ڪيو اسين سنڌ حڪومت - سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ سنڌ پوليس کان مطالبو ڪريون ٿا ته فوري بدمعاشي ۽ غنڊاگردي ڪندڙن خلاف مٿان ڪيس داخل ڪري متاثر فيملي سان انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 33

زخمين کي مقامي اسپتالن منتقل ڪيو ويو جتي کين فوري طبي امداد ڏني ويئي.

بقايا 34

ٿيو وڏن سان گڏ ننڍا ٻار پڻ شامل ٿيا.ماتمي جلوس ۾ مومنن پاران سينازني ڪري ياحسين ياحسين جون صدايون بلند ڪيون ويون.انهيءَ موقعي تي سمورا دڪان پڻ بند رهيا جڏهن ته پوليس طرفان حفاظتي انتظام سخت رهيا.تفصيل موجب 9 محرم الحرام جي حوالي سان ٽنڊومٺاخان شهر ۾ امام بارگاهه حسيني تان سيد علي رضا شاهه. نوح خوان سيد فدا حسين شاهه سيد طالب حسين شاهه ۽ سيد مريد شاهه جي نگراني ۾ برآمد ٿيو.جيڪو مختلف روٽن کان ٿيندو ٽنڊومٺاخان شهر جي وچ چوڪ ۾ پهتو. جلوس جي رستي تي مختلف جاين تي شهرين پاران سبيلن جو بندوبست ڪيل هو جلوس جڏهن مرڪزي چوڪ پهتو مومنن پاران سينازني ڪئي وئي آخر ۾ زنجيرن جو ماتم ڪيو ويو ان ڪانپوءِ امام بارگاهه مولي' عباس کان ٿيندو امام بارگاهه حسيني تي واپس پهتو.جتي هر طرف ياحسين ياحسين جون صدايون بلند رهيون.جتي مجلس جو احتمام ٿيل هو.ان کان پوءِ مومنن ۾ نياز تقسيم ڪيو ويو جلوس دوران پي پي ايڇ آئي طرفان ميڊيڪل ڪيمپ قائم ڪئي وئي جتي زخمي مومنن جي مرهم پٽي ڪئي وئي جلوس دوران ايس ايڇ او چوٽياريون نبي بخش لاشاري جي اڳواڻي ۾ چوٽياريون پوليس طرفان حفاظتي انتظام سخت ڪيل هئا انجمن شيعان طرفان جلوس جي روٽ جون گهٽيون وغيره بند ڪيون ويون هيون هر ايندڙ ويندڙ کي تلاشي وٺي پوءِ ڇڏيو ٿي ويو مجلس ۾ ٻاهران آيل ڳوٺن ڪرم خان مري،ٻوبي جام ننڍو چوٽياريون. جلالاڻي ساڏوٽي ۽ رڪن ٻرڙا کان آيل انجمنن سميت ۽ ٻين ڳوٺن جي ماڻهن پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 35

سان ميرپورماٿيلو ۾ بااثر وڏيري پاران تشدد ڪرڻ ۽ گاڏي جا شيشا ٽوڙڻ واري واقعي خلاف جروار ۾ وکي ڪمار ڊوليا ڪيلاش راءِ مکي ڪمليش جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين جو چوڻ هو ته سنڌ جي نياڻين مٿان تشدد ڪندڙ وڏيري شمشير پتافي کي گرفتار ڪري ان مٿان ڪيس داخل ڪيو وڃي ته جيئن سنڌ جي نياڻين سان ٻيهر ڪو اهڙي قسم جو وڏيرو حرڪت نه ڪري سانگهڙ کان آيل هندو فيملي اسان گهوٽڪي وارن جي مهمان هئي آئيسڪريم جي خالي دٻو اڇلائڻ تان وڏيرو ڏمرجي اهڙي ڪريل حرڪت ڪئي آهي ان وڏيري کي فورن گرفتار ڪري متاثر خاندان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 36

غريب آباد پاڙي مان راجا پروز علي جي گهر مان به علم عباس جو ماتمي جلوس پر امد ٿيو عزدار عزداري ڪندي منزل طرف روانا ٿيا پوليس رينجرس سيڪورٽي انتظام سخت ڪري جلوس جي روٽن جا رستا سيل ڪري ڇڏيا جلوس جي قيادت مير فايق علي جکراڻي- بشير حيدري - ڊاڪٽر نثار شيخ- سيد لطف شاهه-سيد رحم شاهه - سيد قاسم شاهه- جميل حيدر - ظهور مهدي- عاشق علي شيخ ۽ ٻين ڪيي ماتمي جلوس سخي جمن شاهه پهچي اختتام پذير ٿيو

بقايا 37

هٿس ته ڪرولا ڪار نمبر ARN675 ۾ ڪار سوارن 1 اياز اوٺو 2صاحب ڏنو اوٺو ۽ ٻيا نشي ۾ ڌت ٿي قاضي احمد کان نوابشاهه طرف وڃي رهيا جيڪي نشي ۾ ڌت ۽ گاڏي اسپيڊ ۾ هجڻ ڪري هن مونکي پنهنجي سائيڊ تي اچي ڪري آمهون ٽڪر هنيو جنهن ڪانپوءِ هنن مونسان ڪوب رابطو ن ڪيو مان ڪافي ڏينهن اسپتال ۾ هٿس پر هي مون وٽ لڙي نه آيا حادثي ۾ مان معزور ٿي ويو آهيان مان اعلا اختيارن کي اپيل ٿو ڪيان ته انهن مواليـن جي خلاف قانون موجب ڪاروائي ڪري قانون جي گرفت ۾ آڻين ۽ مون مسڪين جي مدد ڪن ٻئي پاسي ايس يو پي ڪارڪنن رستم علي ڪوسو چيو ته هن مسڪين سان هي حالات آ هي گهر جو هڪڙو ئي ڪمائيندڙ آ هن جي گهر ۾ هينئر ڪانئن لاءِ اٽو به ناهي مون چونڊيل يوسي ڏيڙان جي چيئرمين نور محمد چانڊيو ۽ ضلعا ڪائونسل ميمبر شبير احمد چانڊيو سميت پ پ پ جي قيادت کي هن جي حال بابت آگاهي ڏني پر افسوس ڪير هن مسڪين وٽ اڄ ڏينهن تائين لڙي نه آيو هن وڌيڪ چيو ته هن مسئلي جي جاڻ يوسي ڏيڙان جي وائيس چيئرمين محمد رفيق ڪوسو کي آهي ۽ هن مسئلي جو فيصلو ب ان ڪانين .پيرزادن.زردارين کي ڇئي ڪرايو هو پر افسوس هڪ ته فيصلي ۾ هن جو جيڪو علاج خرچ مقرر ڪيو ويو اهو به هن مسڪين کي ن مليو مان اسان جي تڪ جي چونڊيل ايم اين اي ۽ ايم پي کي اپيل تو ڪيان ت خدارا هن مسڪين جي مدد ڪئي وڃي ٻئي پاسي يوسي ڏيڙان جي وائيس چيئرمين محمد رفيق ڪوسو سان رابطو ڪرڻ تي هن چيو ته بلڪل مان ڪوشش ۾ آهيان مون قيادت سان ڳالهايو آ انشاالله جلد هن مسڪين جي هر ممڪن مدد ڪبي

بقايا 38

ڍور مري ويا ڪيترائي بيمار بيٺل ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ اڪائونٽ جي جهيڙي سبب ڪنهن به علائقي ۾ مال جو علاج نه ٿي سگهيو ڀاڳين جا وٿاڻ خالي ٿي ويا خبر موجب ٿرپارڪر ۾ چوپائي مال ۾ لمپي وائرس جو حملو ٿي ويو آهي جنهن کان پوءِ تعلقي ڪلوئي چاچرو ڏاهلي ننگرپارڪر ۽ ڏيپلو تعلقي جي مختلف ڳوٺن سميت مختلف هنڌن تي هڪ هزار کان وڌيڪ ڍڳيون بيمار بيٺل آهن جڏهن ته هڪ سئو کان وڌيڪ ڍڳيون مري ويون آهن جڏهن ته وٽرنري ٽيمون ڪٿي ناهن پهتيون نه وري ڪٿي چوپايو مال کي ويڪسين ڪئي وئي آهي هوڏانهن ذريعن وٽان معلوم ٿيو آهي ته ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر گوردن ۽ اڪائونٽ آفيسر ۾ بلن جي ڏيتي ليتي تان تڪرار هلندڙ آهي اهي جنهن ڪري ڪنهن به تعلقي ۾ گشتي ٽيمون ناهن پهتيون جيڪي علاج ڪن بي طرف ڳوٺ ڪائو عامر ۾ نبي بخش عامر جون ٻاويهه ڍڳيون شفيع ڏيسر جون ٻارهين ڍڳيون الهداد نهڙيو ونگڙ ڇه ڍڳيون حليم نهڙيو ونگڙ پنج ڍڳيون اشرف حجام پنج اهڙي طرح ڳوٺ ڇهو هريجن ۾ ٻه 20 کان مٿي ڍور مري ويا آهن هزارين ڍڳيون بيمار بيٺل آهن هتي جي رهواسين جو چوڻ آهي ته جهڙي رفتار سان بيماري ڦهلجي رهي آهي ۽ مال مري رهيو آهي انهي حساب سان ٿر لاءِ هڪ سانحي کان گهٽ نه هوندو تنهنڪري ترت اپاءَ ورتا وڃن هتي جي ڀاڳين ڊپٽي ڊائريڪٽر ٿرپارڪر ڊاڪٽر گوردن ۽ فرض ۾ ڪوتاهي ڪندڙ عملدارن خلاف ڪارروائي جي گهر ڪئي آهي ۽ اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ٿرپارڪر جي ماڻهن جو زريعا معاش پالتو جانور مري رهيا آهن تنهنڪري هنگامي بنيادن تي ٽيمون جوڙي ٿر جي ڏورانهن علائقن ڏانهن موڪلي مال جو علاج معالج ڪرايو وڃي

بقايا 39

صوبائي وزير توانائي امتياز احمد شيخ. ضلعي ۾ 104 جلوس ۽ هڪ هزار کان وڌيڪ مجلسون ٿي رهيون آهن. سڀ معاملا خوش اصلوبي سان هلي رهيا آهن خود نگراني ڪري رهيو آهن ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور ابرار جعفر. شڪارپور حساس آهي . ٽي هزار جوان ڊيوٽي ڏيئي رهيا آهن. ايس ايس پي شڪارپور تفصيل مؤجب: صوبائي وزير توانائي امتياز احمد شيخ ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور ابرار جعفر ۽ ايس ايس پي شڪارپور آصف رضا بلوچ کي ساڻ ڪري شڪارپور جي اهم امام بارگاهن ڪربلا معلاءِ جهنگل شاهه جو دورو ڪيو امام بارگاهن جي متولين عطا محمد شاهه ۽ سيد مير حسن شاهه . صوبائي وزير توانائي کي ٻڌايو ته امام بارگاهن جي آس پاس صفائي سٿرائي ۽ لائٽنگ جا مسئلا آهن. حل ڪرايا وڃن. جنهن تي صوبائي وزير توانائي امتياز احمد شيخ موقعي سي ايم او ميونسپل ۽ ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور کي مسئلن جي حل لاءِ هدايتون جاري ڪيون صوبائي وزير توانائي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هر سال وانگر هن سال به ضلعي انتظاميه ۽ صوبائي حڪومت محرم الحرام جي حوالي سان انتظام ڪيا آهن ۽ مان پاڻ . ڊپٽي ڪمشنر. ايس ايس پي. ايڪسي اين سيپڪو. ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ۽ سي ايم او کي گڏ ڪٺي انتظامن جي جائزي لاءِ نڪتو آهيان. صفائي سٿرائي ۽ لائيٽنگ جا ننڍا مسئلا آهن جن جي حل لاءِ هدايتون جاري ڪيون آهن. جڏهن ته مجموعي طور تي بهتر انتظام ڪيا ويا آهن ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور ابرار جعفر چيو ته ضلعي اندر 104 جلوس ۽ هڪ هزار کان وڌيڪ مجلسون ٿي رهيون جن جي هو پاڻ نگراني ڪري رهيو آهي ۽ ان ڪاءِ ڪنٽرول روم پڻ ڪري رهيو آهيان ايس ايس پي آصف رضا بلوچ چيو ته ماضي جي واقعن کي ڏسندي شڪارپور کي حساس قرار ڏيئي سگهجي ٿو. ان لاءِ ضلعي ۾ ٽي هزار جوان ڊيوٽي ڪري رهيا آهن ۽ اضافي نفري پڻ گهرائي آهي

بقايا 40

ڊائريا ۾ ونجي ويا صحت کاتو ٿرپارڪر ننڊ ستل خبر موجب ڪلوئي تعلقي جي مختلف ڳوٺن ڳوٺ ڪمهالو ڳوٺ لوه سمجراڻي ڳوٺ جاڳڻ لنڊ ڪاجهر سميت مختلف ڳوٺن ۾ هن وقت گندو پاڻي پيئڻ تيز گرمي ۽ مڇرن جي چڪ پائڻ سبب سوين ماڻهو ڊائريا ۾ ونجي ويا آهن ڳوٺ ڪاروڪن جي هڪ پنج مهينن جي ٻارڙي مهرنساءِ گيسٽرو سبب فوت ٿي وئي ۽ ٻين ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ ننڍا ٻار توڙي وڏا ڊائريا ۾ ونجي ويا آهن جڏهن ته اڃان تائين ڪنهن به ڳوٺ ۾ ميڊيڪل ٽيم نه پهتي آهي جنهن ڪري غريب ماڻهو بي يارو مددگار بٺيل آهن جڏهن ته ڪلوئي تعلقي جي ڪنهن به صحت مرڪز ۾ ڪنهن به قسم ڪا دوائون نٿيون ملن جنهن ڪري ماڻهن اسپتالن ۾ اچڻ ڇڏي ڏنو آهي هتي جي رهواسين عزيز ربڏنو ڪريم ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسان وٽ ڊائريا جا ڪيس هر روز وڌن پيا پر افسوس جهڙي ڳالهه آهي ڪٿي به ڪا ميڊيڪل ٽيم ناهي پهتي آهي نه وري ڪنهن اسپتال ۾ دوائون ملن ٿيون هوڏانهن بيسڪ هيلٿ سينٽر ڪلوئي جي انچارج ڊاڪٽر نحچل داس ٻڌايو ته ڊائريا ۽ مليريا جا ڪيس اسان وٽ اچن پيا جن جو اسان علاج ڪري رهيا آهيون هن چيو ته ڪلوئي بيسڪ هيلٿ سينٽر آهي جنهن جي چوويهه ڪلاڪ سروس ن آهي جنهن ڪري سيريس مريضن کي هتي داخل به نٿا ڪرائي سگهون.